جمهوري سوچ جي ترجمان
ABC CARTL.
Daily AWAMI SOACH Karachi
روزاني عوامي سوچ ڪراچي
چيف ايڊيٽر: حاجي محمد حنيف ميمڻ
ايڊيٽر: سيد گل شاه
جلد 16 | آچر 05 اپريل 2026ع بمطابق 16شوال المڪرم 1447ھ | قيمت: 20 | شمارو 179

عام سبسڊيز غير موثر ۽ مالي طور تي ناقابل برداشت ثابت ٿيون هيون: وڏو وزير

ٽرانسپورٽ شعبي لاءِ وڏي مدد: هن پيڪيج تحت ٽرانسپورٽ آپريٽرز کي ان شرط تي وڏي مالي سبسڊي فراهم ڪئي ويندي ته هو ڪرائي ۾ اضافو نه ڪندا

مراد علي شاهه هڪ اعليٰ سطحي اجلاس جي صدارت ڪندي ٻارڻ (فيول) تي ٽارگيٽيڊ سبسڊي پروگرام شروع ڪرڻ لاءِ طريقا، ميڪانيزم ۽ عملدرآمد جي حڪمت عملي جوڙي ورتي

جنهن جو مقصد عالمي سطح تي ٻارڻ جي قيمتن ۾ تيزيءَ سان ٿيندڙ اضافي کان شهرين کي بچائڻ آهي پبلڪ ٽرانسپورٽ جي ڪرائي کي پهچ ۾ رکڻ ۽ صوبي جي ٽرانزٽ سسٽم کي رواني سان هلائڻ کي يقيني بڻائڻ آهي

وزيراعليٰ هائوس ۾ ٿيندڙ اجلاس جنهن ۾ صوبائي وزيرن شرجيل انعام ميمڻ، مڪيش ڪمار چاولا، محمد بخش خان مهر، چيف سيڪريٽري آصف حيدر شاهه، وڏي وزير جو پرنسپل سيڪريٽري آغا واصف ۽ ٻيا شريڪ

ان ۾ سستي ٽرانسپورٽ ڪرائي کي برقرار رکڻ ۽ صوبي جي ٽرانزٽ نيٽ ورڪ جي آپريشنل استحڪام کي يقيني بڻائڻ تي ڌيان ڏنو ويو

هي اقدام تازو عالمي جيو پوليٽيڪل صورتحال جي نتيجي ۾ پيٽرول ۽ ڊيزل جي قيمتن ۾ ٿيندڙ بي مثال واڌ جي اثر کي گھٽائڻ لاءِ تيار ڪيو ويو آهي

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه هڪ اعليٰ سطحي اجلاس جي صدارت ڪندي ٻارڻ (فيول) تي ٽارگيٽيڊ سبسڊي پروگرام شروع ڪرڻ لاءِ طريقا، ميڪانيزم ۽ عملدرآمد جي حڪمت عملي جوڙي ورتي آهي جنهن جو مقصد عالمي سطح تي ٻارڻ جي قيمتن ۾ تيزيءَ سان ٿيندڙ اضافي کان شهرين کي بچائڻ آهي پبلڪ ٽرانسپورٽ جي ڪرائي کي پهچ ۾ رکڻ ۽ صوبي/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر19

ڪراچي: وزيراعلي سنڌ مراد علي شاهه اجلاس جي صدارت ڪندي

ايراني ايٽمي پلانٽ تي آمريڪي ۽ اسرائيلي حملا

تهران (م د) ايراني پرڏيهي وزير عباس عراقچي بوشهر جوهري پلانٽ جي ويجهو مبينا حملي تي تبصرو /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر20

شهزاد راءِ ملالا يوسفزئي کي پنهنجو "ايجنٽ" قرار ڏئي ڇڏيو

لنڊن(م د) ناليواري گلوڪار ۽ سماجي ڪارڪن شهزاد راءِ عالمي سطح تي تعليم جي حقن لاءِ جاکوڙيندڙ ن/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر21

"اسان ڳالهين لاءِ اسلام آباد وڃڻ کان انڪار ناهي ڪيو" عباس عراقچي، پاڪستان طرفان تهران جي وضاحت جي آجيان

ايران طرفان اسرائيل تي ميزائلن ۽ ڊرونز جي 94هين لهر فائر ڪرڻ ۽ آمريڪي جنگي جهاز ڪيائڻ جي دعويٰ سامهون آئي "آمريڪي ميڊيا ايران جي موقف کي غلط انداز ۾ پيش ڪري رهي آهي: ايراني پرڏيهي وزير

اسان پاڪستان جي ڪوشش لاءِ دل سان ٿورائتا آهيون ۽ اسان ڪڏهن به ڳالهين لاءِ اسلام آباد وڃڻ کان انڪار ناهي ڪيو اسان لاءِ اهم ڳالهه ان غير قانوني جنگ جي حتمي ۽ دائمي خاتمي جا شرط آهن

پاڪستان جي نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير اسحاق ڊار ايڪس تي ٽي ايراني پرڏيهي وزير عباس عراقچي جو شڪريو ادا ڪيو ۽ "اسان توهان جي طرفان ڏنل وضاحت جي آجيان ڪريون ٿا : اسحاق ڊار

پاڪستان طرفان آمريڪا ۽ ايران وچ ۾ جنگبندي ڪرائڻ جون ڪوششون جاري آهن ۽ پاڪستان طرفان ان اهم معاملي تي ٽياڪڙ طور سامهون اچڻ خطي ۾ بحث جو موضوع بڻيل آهي

سمورن آمريڪي دهشتگرد فوجن جو مقدر علائقي مان ڀڄڻ آهي، ڊونلڊ ٽرمپ کي آمريڪي ساموندي ٻيڙي جيرالڊ فورڊ جي ڪمانڊر کي به هٽائڻ گهرجي: ڪمانڊر جنرل قاآني

جيرالڊ فورڊ جي ڪمانڊر يمن جي بهادر مجاهدين ۽ ثابت قدم عوام جي ڊپ کان آبناءِ باب المندب مان لنگهڻ جي جرئت نه ڪئي ڪمانڊر جيرالڊ فورڊ 2 هفتن جي خواريءَ کانپوءِ من گهڙت ڪهاڻي ناهي ڳاڙهي سمنڊ مان فرار ٿي ويو

تهران/واشنگٽن/تل ابيب/اسلام آباد(بيورو) ايران طرفان اسرائيل تي ميزائلن ۽ ڊرونز جي 94هين لهر فائر ڪرڻ ۽ آمريڪي جنگي جهاز ڪيائڻ جي دعويٰ سامهون آئي آهي، جڏهن ته ٻئي پاسي ايراني پرڏيهي وزير عباس عراقچي آمريڪي ميڊيا جي انهن خبرن جي ترديد ڪئي آهي ته ايران ڳالهين لاءِ اسلام آباد وڃڻ کان انڪار ڪيو آهي، جڏهن ته پاڪستاني نائب وزيراعظم اسحاق ڊار ان وضاحت/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر1

تهران: ايراني پرڏيهي وزير عباس عراقچي ميڊيا سان ڳالهائيندي

ڪيسٽائين مهانگو تيل خريد ڪري سستو وڪڻي سگهجي ٿو؟: مصدق ملڪ

مسلسل سبسڊي جو سلسلو جاري رکڻ ممڪن ناهي. اسلام آباد ۾ پريس ڪانفرنس

اسلام آباد (بيورو) وفاقي وزير مصدق ملڪ چيو آهي ته ڪيسٽائين مهانگو تيل خريد ڪري سستو وڪڻي سگهجي ٿو؟ مسلسل سبسڊي جو/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر18

شهيد ذوالفقار ڀٽو پاڪستان جي سياسي تاريخ ۾ مرڪزي حيثيت رکي ٿو: زرداري

1971ع ڪانپوءِ مشڪل دور ۾ سندس قيادت قومي اعتماد کي بحال ڪرڻ ۽ ملڪ کي هڪ نئي آئيني رستي تي آڻڻ ۾ مدد ڏني

1973ع جي آئين جي منظوري جيڪو اڄ به اسان جي پارلياماني نظام جي رهنمائي ڪري رهيو آهي

سندس حڪومت اهڙين پاليسين ۽ ادارن جو بنياد رکيو جن ايندڙ سالن ۾ پاڪستان جي اسٽريٽجڪ رخ ۽ قومي سوچ کي شڪل ڏني

اسلام آباد (بيورو) صدر آصف علي زرداري چيو آهي ته اڄ اسان اڳوڻي وزيراعظم ۽ پاڪستان پيپلزپارٽي/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر2

شهيد ذوالفقار علي ڀٽو هڪ دور، هڪ نظريي ۽ عوام جي حقن لاءِ جدوجهد جو استعارو هو: شرجيل انعام ميمڻ

عوام جي اڳواڻ شهيد ڀٽو پاڪستان جي عوام کي سياسي شعور، حڪمراني جي جمهوري حق ۽ خودمختياري جو احساس ڏنو

شهيد ڀٽو نه رڳو پاڪستان کي هڪ متحد آئين ڏنو پر ملڪ کي ايٽمي طاقت بڻائڻ جي بنياد به رکي

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي سينئر وزير ۽ اطلاعات، ٽرانسپورٽ ۽ ماس ٽرانزٽ جي صوبائي وزير شرجيل/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر3

ڪراچي: چيف آف نيول اسٽاف ايڊمرل اشرف تقريب ۾ جوانن سان ملاقات ڪندي

شهيد ذوالفقار علي ڀٽو آئين جي تياري ۽ منظوري ۾ لاثاني ڪردار ادا ڪيو: شهباز شريف

وزيراعظم پاران شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي سياسي خدمتن کي خراج تحسين پيش

هن آئين جي تياري ۽ منظوري ۾ لاثاني ڪردار ادا ڪيو ۽ جمهوريت ۾ عوام جي حڪمراني ۽ عوام جي بنيادي مسئلن جي حل لاءِ قيمتي ڪوششون ڪيون

اسلام آباد (بيورو) وزيراعظم محمد شهباز شريف/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر22

شهيد ذوالفقار علي ڀٽو هڪ آزاد پرڏيهي پاليسي تي يقين رکندو هو: مراد علي شاهه

آرٽس ڪائونسل آف پاڪستان پاران منعقد ڪيل ڪانفرنس کي خطاب

شهيد ڀٽو اسٽريٽجڪ خودمختياري تي ٻڌل پرڏيهي پاليسي جو بنياد وڌو

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه ذوالفقار علي ڀٽو کي شاندار ڀيٽا پيش ڪندي چيو آهي ته سندس بصيرت واري قيادت، آزاد پ/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر24

سنڌ حڪومت پاران 2 ڏينهن موڪل جو اعلان

ڪراچي(رپورٽر) سنڌ حڪومت طرفان ٻن ڏينهن جي موڪلن جو اعلان ڪيو ويو آهي. سنڌ حڪومت/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر23

ذوالفقار ڀٽو جي 47 هين ورسي، تقريبون منعقد، خراج پيش

ڪفايت شعاري جي پاليسي جي ڪري، ڳڙهي خدا بخش ۾ ڪو به عوامي اجلاس نه ٿيندو

ضلعي هيڊ ڪوارٽر تي دعائيه تقريبون منعقد ڪيون. ذوالفقار علي ڀٽو، جنهن پياري ملڪ کي پهريون متحد آئين ڏنو

ڳڙهي خدا بخش (رپورٽر) پاڪستان پيپلز پارٽي جي/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر25

ڪراچي: خاتون اول آصفه ڀٽو جي اڳواڻي ۾ شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي ورسي جي موقعي تي قرآن خواني ڪرائي وئي آهي

سنڌ حڪومت ۽ آغا خان يونيورسٽي ٽنڊو محمد خان ۾ اسڪول آف نرسنگ قائم ڪرڻ لاءِ ايم او يو تي صحيحون ڪيون

سنڌ جي صحت واري وزير ڊاڪٽر عذرا فضل پيچوهو، پاڪستان پيپلز پارٽي جي سينئر اڳواڻ ۽ ميمبر قومي اسيمبلي سيد نويد قمر شريڪ

سيڙپڪاري ۽ پبلڪ پرائيويٽ پارٽنرشپ بابت وزيراعليٰ سنڌ جو خاص مددگار سيد قاسم نويد قمر تقريب ۾ موجود هئا

صوبن جي ڏورانهن علائقن ۾ صحت، تعليم ۽ بهتر زندگي جي موقعن کي وڌائڻ لاءِ منصوبا ٺاهيا پيا وڃن: نويد قمر

ڪراچي(رپورٽر) ٽنڊي محمد خان ضلعي ۾ اسڪول آف نرسنگ قائم ڪرڻ لاءِ اڄ سنڌ حڪومت، آغا خان يونيورسٽي ۽ ٽنڊو محمد خان ضلعي انتظاميا جي وچ ۾ هڪ ايم او يو تي صحيحون ڪيون ويون. ان مقصد لاءِ هڪ تقريب اڄ منجهند جناح پوسٽ گريجوئيٽ ميڊيڪل سينٽر، ڪراچي جي آڊيٽوريم ۾ منعقد ڪئي وئي. /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر17

HEALTH DEPARTMENT GOVERNMENT OF SINDH
ڪراچي: سنڌ حڪومت ۽ آغا خان يونيورسٽي ٽنڊو محمد خان ۾ اسڪول آف نرسنگ قائم ڪرڻ لاءِ ايم او يو تي صحيحون ڪيون ويون

شهيد ڀٽو ڪنهن هڪ فرد جو نالو نه پر هڪ جامع نظريي جي علامت آهي: ترجمان سنڌ حڪومت

قوم هڪ عظيم اڳواڻ، سوچيندڙ سياستدان ۽ دور ساز شخصيت کي خراج تحسين پيش ڪري رهي آهي

جنهن نه رڳو پاڪستاني سياست جو رخ بدلايو پر عوام کي شعور، خود قابو ۽ جمهوريت جي حقيقي طاقت کان به آگاهه ڪيو

هن مزدورن، هارين ۽ محروم عوام جي مظلوم طبقن کي آواز ڏنو انهن کي بااختيار بڻايو ۽ دنيا تي اهو سچ ظاهر ڪيو ته "طاقت جو سرچشمو عوام آهي

ڪراچي(رپورٽر) سنڌ حڪومت جي ترجمان ۽ سکر جي ميئر، بيرسٽر ارسلان اسلام شيخ، ذوالفقار علي ڀٽو جي 47 هين ورسي جي موقعي تي پنهنجي خاص پيغام ۾ چيو آهي ته اڄ قوم هڪ عظيم اڳواڻ، سوچيندڙ سياستدان ۽ دور ساز شخصيت/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر4

مارڪيٽون جلد بند ڪرڻ جي تجويز تي غور ڪيو پيو وڃي: وفاقي وزير

جيڪڏهن اهو فيصلو لاڳو ٿيو ته صرف شادي هال ۽ ريسٽورينٽس 10 وڳي تائين کليل رهندا

ناڻي وارو وزير ايندڙ هفتي آءِ ايم ايف ۽ ورلڊ بينڪ سان گڏجاڻي جي لاءِ پرڏيهه وڃي رهيو آهي

ڪيترو وڏو معاشي نقصان ٿي رهيو آهي، اسان کي سموري معاشي فريم ورڪ جو به جائزو وٺڻو پوندو

اسلام آباد (بيورو) وفاقي وزير پيٽروليم علي پرويز ملڪ چيو آهي ته حڪومت طرفان مارڪيٽن کي جلد بند ڪرڻ تي غور ڪيو پيو وڃي. نجي چينل جي پروگرام ۾ ڳالهيون ڪندي پيٽروليم واري وزير چيو ته جيڪڏهن اهو فيصلو لاڳو /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر26

ذوالفقار علي ڀٽو هڪ عقلمند ۽ دور انديشي رکندڙ قومي اڳواڻ هو: رياض حسين شاهه شيرازي

ذوالفقار علي ڀٽو هڪ عقلمند ۽ دور انديشي رکندڙ قومي اڳواڻ هو: رياض حسين شاهه شيرازي

شهيد ڀٽو جي جدوجهد صرف اقتدار تائين محدود نه هئي

ڪراچي (رپورٽر) صوبائي وزير اوقاف، مذهبي معاملن، زڪوات ۽ عشر سيد رياض حسين شاهه شيرازي اڳوڻي وزيراعظم ۽ عوامي اڳواڻ ذوالفقار علي /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر16

ذوالفقار ڀٽو پاڪستان کي مضبوط بڻائڻ ۾ تاريخي ڪردار ادا ڪيو: يوسف رضا گيلاني

شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جو نظريو ان جي اميد واري پيغام ۽ عوام سان وابستگي جي ياد ڪندي اسان کي هن عهد کي ورجائڻ گهرجي

اسان آئين ۽ جمهوري اصولن جي روشني ۾ هڪ مضبوط، خوشحال ۽ ترقي يافته پاڪستان جي قيام لاءِ پنهنجي جدوجهد جاري رکنداسين

شهيد ذوالفقار علي ڀٽو نااليوارو، مدبر ۽ عوام دوست اڳواڻ هو جنهن پاڪستان جي جمهوري، سماجي ۽ دفاعي بنيادن کي مضبوط بڻائڻ ۾ تاريخي ڪردار ادا ڪيو

اسلام آباد (بيورو) سينيٽ چيئرمين سيد يوسف رضا گيلاني چيو آهي ته شهيد ذوالفقار علي ڀٽو مدبر ۽ عوام دوست اڳواڻ هو جنهن پاڪستان جي جمهوري، سماجي ۽ دفاعي بنيادن کي مضبوط بڻائڻ ۾ تاريخي ڪردار ادا ڪيو، شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جو نظريو ان جي اميد واري پيغام ۽ عوام سان وابستگي کي ياد ڪندي اسان کي هن عهد کي ورجائڻ گهرجي ته اسان/ ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر5

هڪ دفعو ٻيهر پنجاب عوام کي رليف ڏيڻ ۾ سمورن صوبن کان اڳيان نڪري ويو آهي: عظميٰ بخاري

جڏهن به عوام کي سهولتون ڏيڻ جو وارو ايندو انهي وقت پنجاب سڀني کان اڳيان هوندو

وزيراعليٰ مريم نواز عوام کي رليف ڏئي دلي سڪون محسوس ڪندي آهي هن پنجاب جي عوام کي ڪڏهن به اڪيلو ناهي ڇڏيو

مريم نواز سموري پنجاب ۾ پبلڪ ٽرانسپورٽ مڪمل طور تي فري ڪري عوام جا دل کٽي ورتا آهن

لاهور (م د) پنجاب جي اطلاعات واري وزير عظميٰ بخاري چيو آهي ته الحمدالله هڪ دفعو ٻيهر پنجاب عوام کي رليف ڏيڻ ۾ سمورن صوبن کان اڳيان نڪري ويو آهي، جڏهن به عوام کي سهولتون ڏيڻ جو وارو ايندو انهي وقت پنجاب/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر27

پيٽرول جي قيمت ۾ گهٽتائي سان شهري غير مطمئن، موٽرسائيڪلن وارا اڃان تائين وڌيڪ رعايت جي اوسيئڙي ۾

اسلام آباد (بيورو) پيٽرول جي قيمت ۾ گذريل رات 80 روپين جي گهٽتائي مان شهري/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر28

وچ اوڀر ڇڪتاڻ: پاڪستان ۾ فلائيٽ آپريشن متاثر، 64 اڏامون ملتوي

5 عالمي ايئرپورٽن وچ اوڀر جي مختلف شهرن جي لاءِ ٻنهي طرفن کان 64 اڏامون ملتوي ٿيون

جن ۾ پاڪستان انٽرنيشنل ايئرلائنز، ايئر بليو، ايئر عربيه، ايران ايئر ۽ قطر ايئرويز سميت ٻيون ايئرلائنز شامل آهن

ڪراچي (رپورٽر) وچ اوڀر ۾ ڇڪتاڻ واري صورتحال سبب پاڪستان ۾ فلائيٽ آپريشن شديد متاثر آهي سڀني کان وڌيڪ اڏامون ڪراچي/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر29

نمائندا گهرجن
روزاني عوامي سوچ ڪراچي کي سڄي سنڌ مان نمائندا گهرجن
نمائندگي جا خواهشمند رابطو ڪن
جمهوري سوچ جي ترجمان
Daily AWAMI SOACH Karachi
روزاني عوامي سوچ ڪراچي
چيف ايڊيٽر: حاجي محمد حنيف ميمڻ
ايڊيٽر: سيد گل شاه
صحافت سان وابسطه خواهشمند هيٺ ڏنل واٽس ايپ نمبر تي رابطو ڪن
رابطي لاءِ
0300 3924502/ 03072308754

آمريڪا ۽ ايران سهولتڪاري: سوشل ميڊيا تي هلندڙ خبرن جي ترديد

اسان بي بنياد ۽ من گهڙت دعوائن کي سختي سان رد ڪريون ٿا

پرڏيهي وزارت ۾ منعقد ڪيل بريفنگ کي غلط انداز ۾ پيش ڪيو ويو. طاهر اندرابي

اسلام آباد (بيورو) پرڏيهي آفيس جي ترجمان طاهر اندرابي آمريڪا ۽ ايران جي وچ ۾ ثالثي جي حوالي سان سوشل ميڊيا تي گردش ڪندڙ غلط/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر15

سنڌ حڪومت فلاحي ادارن جي مالي مدد ۾ وڌيڪ اضافو ڪندي: ناصر حسين شاهه

صوبائي وزير بلديات، فياض مگو، ڊاڪٽر عبدالباري، نعيم قريشي، رقيه نعيم، پير محمد شاهه ۽ ٻين 18 هين ساليانى سي ايس آر سمٽ ۽ ايوارڊ 2026 جي تقريب کي خطاب

جيئن محروم طبقن جي مسئلن کي گهٽائي سگهجي ۽ انهن کي بهتر صحت، تعليم، مهارت ۽ روزگار جا موقعا فراهم ڪري سگهجن

مخلص فلاحي ادارا سماج جي انهن طبقن تائين پهچي رهيا آهن جيڪي غربت ۽ محرومي جو شڪار آهن

پاڪستان پيپلز پارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري ۽ سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه جي ويزن تحت، حڪومت انهن ادارن سان گڏ بيٺي آهي

ڪراچي (رپورٽر) صوبائي وزير بلديات، هائوسنگ ۽ ٽائون پلاننگ، سنڌ، سيد ناصر حسين شاهه چيو آهي ته سنڌ حڪومت پبلڪ پرائيويٽ پارٽنرشپ ماڊل تحت مستند غير سرڪاري تنظيمن ۽ فلاحي ادارن جي مالي ۽ ادارتي/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر6

خيبرپختونخوا، پنجاب، جي بي ۽ آزاد ڪشمير ۾ زلزلو

مختلف علائقن ۾ زلزلي جا جهٽڪا محسوس ڪيا ويا. زلزلي جي شدت 6.3 رڪارڊ ڪئي وئي

ان جي کوٽائي 190 ڪلوميٽر هئي. زلزلي جو مرڪز افغانستان جو هندوڪش علائقو هو

اسلام آباد (بيورو) خيبر پختونخوا، پنجاب، گلگت بلتستان ۽ آزاد ڪشمير جي مختلف علائقن ۾ زلزلي جا جهٽڪا محسوس ڪيا ويا. ز/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر14

ايراني ميزائل حملن ڪانپوءِ اسرائيلي شهر رامات گان ۾ تباهي جا منظر

تل ابيب (م د) ايران جي اسرائيلي شهر رامات گان ۾ حملن ڪانپوءِ هر پاسي تباهي جا منظر آهن/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر7

قلات: ڪوئيٽا کان ڪراچي ويندڙ بس اونڌي، 3 ڄڻا فوت، 10 زخمي

بس ڪوئيٽا کان ڪراچي وڃي رهي هئي

حادثو تيز رفتاري سبب پيش آيو. زخمين ۽ لاشن کي اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي

قلات (م د) قلات جي روڊينجو علائقي ۾ بس اونڌي ٿيڻ سبب ٽي ماڻهو فوت ۽ 10 زخمي ٿي پيا. پوليس جو چوڻ آهي ته بس ڪوئيٽا کان ڪراچ/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر13

ڪراچي ۾ وري برسات جي اڳڪٿي

ڪراچي (رپورٽر) موسميات کاتي سنڌ جي راڄڌاني ڪراچي ۾ هڪ ڀيرو وري ڪڪر وسڻ/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر8

ڪراچي: صوبائي وزير ناصر شاهه جو تقريب ۾ نڪتل گروپ فوٽو

ڪراچي: شادي جي تقريب دوران فائرنگ، هڪ ڄڻو مارجي ويو

مقتول جي سڃاڻپ 25 سالن جي معظم جي نالي سان ٿي آهي. معظم فائرنگ ۾ سخت زخمي ٿيو

بعد ۾ اسپتال منتقل ڪرڻ دوران فوت ٿي ويو. واقعي کان پوءِ، دولها جي پيءُ ۽ ڀاءُ کي حراست ۾ ورتو ويو

ڪراچي (رپورٽر) اورنگي ٽائون سيڪٽر 9 ۾ شادي جي تقريب دوران فائرنگ جي واقعي ۾ هڪ شخص مارجي ويو. پوليس موجب، مقتول جي/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر12

سنڌ ۾ چمڙيءَ جي پراسرار بيماري پکڙجڻ لڳي، 7 ٻار فوت، اسپتالن ۾ الرٽ جاري

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي راڄڌاني ڪراچي سميت مختلف شهرن ۾ منڪي پاڪس ۽ چڪن/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر9

ايل پي جي سرڪاري قيمت کان به مهانگي ٿي وئي، 500 روپيه في ڪلو وڪرو ٿيڻ لڳي

انهن کي ايل پي جي سرڪاري طور تي مقرر ڪيل قيمت کان به 200 روپين کان وڌيڪ قيمت تي ملي رهي آهي

ايل پي جي ڊسٽري بيوٽرز ايسوسيئيشن جي چيئرمين عبدالهادي خان اهڙي صورتحال تي ڳڻتي جو اظهار

ڪراچي (رپورٽر) ايل پي جي جي قيمت هن وقت ملڪي تاريخ جي بلند ترين سطح 500 روپيه في ڪلو تائين پهچي چڪي آهي، نجي ٽي وي جي /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر10

ڪراچي: صدر ۾ عورتون پراڻا ڪپڙا خريد ڪري رهيون آهن

سکر، ملتان موٽروي تي 200 ڪلوميٽرن تائين لڳل جديد ڪيمرا چوري

سنڌ ۾ مختلف سرڪاري ادارن جي ڪارڪردگي تي ته اڪثر سوال اٿندا رهندا آهن

اهڙي صورتحال دوران شاندار وفاقي منصوبي موٽروي ايم 5 شديد بدانتظامي جو شڪار آهي

ڪيمرا چوري يا غير فعال ٿيڻ سبب موٽروي پوليس جو عملو پراڻي طريقي سان اسپيڊ ڪيمرا روڊ تي رکي ڏنڊ لڳائي رهيو آهي

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ ۾ سکر، ملتان موٽروي تي 200 ڪلوميٽر تائين لڳل جديد ڪيمرا چوري ٿي ويا آهن. سنڌ ۾ مختلف سرڪاري ادارن جي ڪارڪردگي تي ته اڪثر سوال اٿندا رهندا آهن. اهڙي صورتحال دوران شاندار وفاقي منصوبي موٽر/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر11

جمهوري سوچ جي ترجمان
Daily
AWAMI SOACH
Karachi
روزاني
عوامي سوچ
ڪراچي
چيف ايگزيڪيوٽو : سيد شفقت حسين شاهه شيرازي
آچر 05 اپريل 2026ع بمطابق 16 شوال المڪرم 1447ھ

پيٽروليم جي اگهن ۾ ظالماڻي واڌ ڇو؟

ملڪ ۾ پيٽروليم شين جي اگهن ۾ واڌ ڪا نئين ڳالهه ناهي، پر هر ڀيري جڏهن به اهو فيصلو ڪيو ويندو آهي ته ان جا اثر سڌو سنئون عام ماڻهو تي پوندا آهن گذريل رات پيٽرول جا اگهه وڌائڻ جو جيڪو فيصلو ڪيو ويو آهي، اهو ان ڪري وڌيڪ تنقيد جوڳو آهي جو حڪومت عوام کي ڪنهن به قسم جي مؤثر سبسڊي ڏيڻ لاءِ ڪو واضح مئڪنزم تيار نه ڪيو آهي نتيجي طور، مهانگائي جي هڪ نئين لهر جنم وٺي چُڪي آهي، جنهن جو بار اڳ ئي معاشي دٻاءُ هيٺ آيل عوام تي پئجي ويو آهي.

پيٽرول صرف هڪ شئي ناهي، پر اهو پوري معيشت جي ڍانچي سان جڙيل آهي ٽرانسپورٽ، زراعت، صنعت ۽ روزمره جي استعمال جون بي شمار شيون ان سان ڳنڍيل آهن جڏهن پيٽرول مهانگو ٿئي ٿو، ته ان جا اثر صرف گاڏين جي مالڪن تائين محدود نٿا رهن، پر هر ان ماڻهو تائين پهچن ٿا جيڪو روزاني زندگيءَ ۾ ڪنهن نه ڪنهن شئي جي خريداري ڪري ٿو اهڙي حالت ۾ جيڪڏهن حڪومت سبسڊي جو ڪو منظم ۽ شفاف نظام قائم ڪرڻ کان اڳ پيٽروليم جا اگهه وڌائي ٿي ته پوءِ اهو فيصلو سڌو سنئون عوام دشمن پاليسي بڻجي وڃي ٿو حڪومت اڪثر اهو جواز پيش ڪندي آهي ته عالمي مارڪيٽ ۾ تيل جا اگهه وڌي ويا آهن، تنهنڪري ملڪ اندر به اگهه وڌائڻ اڻٽر آهي بلاشبہ عالمي حالتون ڪنهن به ملڪ جي معاشي پاليسين تي اثرانداز ٿين ٿيون، خاص طور تي جڏهن دنيا ۾ جنگي صورتحال هجي يا جيوپوليٽيڪل ڇڪتاڻ وڌي وڃي پر سوال اهو آهي ته ڇا ٻين ملڪن به اهڙين حالتن ۾ بنا ڪنهن حفاظتي قدم جي عوام تي بار وڌايو آهي؟ جيڪڏهن عالمي مثالن جو جائزو ورتو وڃي ته واضح ٿئي ٿو ته ڪيترن ئي ملڪن جنگي يا بحران واري حالتن ۾ پيٽروليم شين جي اگهن ۾ واڌ کي محدود رکڻ لاءِ مختلف حڪمت عمليون اختيار ڪيون آهن يورپ جي ڪيترن ملڪن، خاص طور تي جرمني ۽ فرانس، توانائي جي بحران دوران پنهنجي شهرين کي رليف ڏيڻ لاءِ سبسڊي پيڪيجز متعارف ڪرايا انهن ملڪن ۾ نه صرف پيٽرول جي اگهن کي ڪنٽرول ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي، پر عوام کي سڌي مالي مدد پڻ فراهم ڪئي وئي ساڳي طرح، ڪجهه ايشيائي ملڪن جهڙوڪ انڊيا ۽ انڊونيشيا به پيٽروليم شين تي سبسڊي برقرار رکي، يا گهٽ ۾ گهٽ ان ۾ تدريجي تبديليون آنديون، جيئن عوام تي اوچتو بار نه پوي انهن ملڪن ۾ حڪومتن اهو سمجهيو ته مهانگائي جي هڪدم لهر نه صرف معاشي عدم استحڪام پيدا ڪري سگهي ٿي، پر سماجي بيچيني کي به جنم ڏئي سگهي ٿي

ان جي ابتڙ، اسان وٽ پيٽرول جا اگهه وڌائڻ جو فيصلو اڪثر اوچتو ڪيو ويندو آهي، بغير ڪنهن اڳواٽ تياري يا حفاظتي انتظام جي عوام کي نه ته ڪو واضح روڊ ميپ ڏنو ويندو آهي، هن ڀيري روڊ ميپ ته ڏنو ويو آهي پر اهو عملي شڪل ۾ آڻڻ کان اڳ ئي پيٽروليم جا اگهه وڌايا ويا آهن.

سبسڊي ڏيڻ جو مطلب صرف اگهه گهٽ رکڻ ناهي، پر اهو هڪ منظم نظام جو تقاضو ڪري ٿو مثال طور، حڪومت گهٽ آمدني وارن طبقن لاءِ سڌي ڪيش ٽرانسفر اسڪيمون متعارف ڪرائي سگهي ٿي، يا پبلڪ ٽرانسپورٽ کي اڳواٽ سبسڊي ڏئي سگهي ٿي ته جيئن عام ماڻهو کي سستي سواري ملي سگهي ان سان گڏ، زراعت ۽ ننڍن ڪاروبارن لاءِ خاص رليف پيڪيجز به ترتيب ڏئي سگهجن ٿا، جيئن مهانگائي جا اثر گهٽجي سگهن هتي هڪ اهم نڪتو اهو به آهي ته سبسڊي جو نظام شفاف هجڻ گهرجي جيڪڏهن سبسڊي صحيح ماڻهن تائين نه پهچندي، ته پوءِ اهو نظام به ناڪام ٿي ويندو ان لاءِ جديد ٽيڪنالاجي، ڊيٽا بيس ۽ موثر نگراني جو نظام ضروري آهي ڪيترن ئي ملڪن ۾ ڊجيٽل سسٽم ذريعي سبسڊي کي سڌي طرح مستحق ماڻهن تائين منتقل ڪيو وڃي ٿو جنهن سان ڪرپشن جا امڪان گهٽجي وڃن ٿا اسان جي ملڪ ۾ مسئلو صرف وسيلن جي کوٽ جو ناهي، پر پاليسي سازي ۾ تسلسل ۽ سنجيدگي جي کوٽ جو به آهي جيڪڏهن حڪومت چاهي ته محدود وسيلن ۾ به بهتر پاليسيون ترتيب ڏئي سگهي ٿي ضرورت صرف ان ڳالهه جي آهي ته عوام کي پاليسي جو مرڪز بڻايو وڃي، نه ته ان کي بار برداشت ڪرڻ لاءِ اڪيلو ڇڏيو وڃي

پيٽرول جي اگهن ۾ واڌ جو سڌو سنئون ۽ فوري اثر مهانگائي جي صورت ۾ برپا ٿي ويندي آهي. هر شيءِ جي قيمت وڌي وڃي ٿي کاڌي پيتي جون شيون، تعميراتي سامان، ۽ روزمره جي استعمال جون شيون سڀ مهانگيون ٿي وڃن ٿيون اهڙي صورتحال ۾ گهٽ آمدني وارا طبقا سڀ کان وڌيڪ متاثر ٿين ٿا، جيڪي اڳ ئي زندگيءَ جي بنيادي ضرورتن کي پورو ڪرڻ لاءِ جدوجهد ڪري رهيا آهن ان کي ضروري هو ته حڪومت پيٽرول جي اگهن ۾ واڌ کان اڳ هڪ جامع حڪمت عملي تيار ڪري ها صرف عالمي حالتن کي جواز بڻائي عوام تي سڄو بار وجهڻ مسئلي جو حل ناهي اصل حل اهو آهي ته اهڙو نظام جوڙيو وڃي، جنهن ۾ عوام کي تحفظ ملي، ۽ معيشت به مستحڪم رهي

سو پيٽرول جي اگهن ۾ واڌ هڪ حساس فيصلو آهي، جنهن جا اثر گهڻ رخي هوندا آهن جيڪڏهن اهو فيصلو بنا ڪنهن سبسڊي مئڪنزم جي ڪيو وڃي، ته اهو نه صرف معاشي طور نقصانڪار ثابت ٿيندو، پر سماجي سطح تي به بيچيني پيدا ڪندو حڪومت کي گهرجي ته هو ٻين ملڪن جي مثالن مان سکندي هڪ اهڙو مئڪنزم تيار ڪري، جنهن ۾ عوام کي رليف ملي، ۽ مهانگائي جو بار گهٽجي عوام کان قربانيون وٺڻ کان اڳ حڪومت کي پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻو پوندو جيڪڏهن حڪومت پنهنجي شهرين کي تحفظ ڏيڻ ۾ ناڪام رهي، ته پوءِ پاليسين تي اعتماد ختم ٿي ويندو هاڻي وقت اچي ويو آهي ته فيصلن ۾ توازن، شفافيت ۽ عوام دوستي کي ترجيح ڏني وڃي، جيئن ملڪ کي معاشي استحڪام ڏانهن وٺي وڃڻ ممڪن بڻجي سگهي

ڀٽو: هڪ فڪر، هڪ فلسفو، هڪ تحريڪ

ڊاڪٽر سڪندر اقبال

4 اپريل پاڪستان جي تاريخ جو اهو ڪارو ڏينهن آهي جيڪو هڪ طرف گهري غم جي ياد ڏياريندو آهي ۽ ٻئي طرف هڪ اهڙي دور جي جهلڪ به پيش ڪري ٿو جنهن قوم کي جمهوريت جو شعور، عوامي حقن جو احساس ۽ سياسي مزاحمت جو حوصلو عطا ڪيو. هي اهو ڏينهن آهي جڏهن هن خطي پنهنجي هڪ عظيم اڳواڻ، شهيد ذوالفقار علي ڀٽو کي وڃائي ڇڏيو.

سندن شهادت صرف هڪ فرد جو خاتمو نه هو بلڪه هڪ نظريي جي آبياري هئي اهڙو نظريو جيڪو اڄ به زنده آهي ۽ هر ان دل ۾ ڌڙڪي ٿو جيڪو انصاف، برابري ۽ جمهوريت تي يقين رکي ٿو. ڀٽو صاحب جي سياسي زندگي ڪنهن عام سياستدان جي ڪهاڻي نه هئي بلڪه هڪ مسلسل ارتقا هئي—هڪ اهڙو سفر جنهن ۾ پرڏيهي پاليسي جي وسعت، اندروني حڪمراني جي جرئت ۽ عوامي سياست جي گرمي هڪ ئي وهڪري ۾ گڏ نظر اچي ٿي. پرڏيهي وزير (1963–1966) طور هنن پاڪستان جي پرڏيهي پاليسي کي روايت جي گهيري مان ڪڍي هڪ زنده، خودمختار ۽ باوقار رخ ڏنو. اهو اهو دور هو جڏهن هنن عالمي طاقتن جي وچ ۾ توازن واري سياست کي پاڪستان جي بقا ۽ عزت سان جوڙيو. چين سان لاڳاپن کي نئين جِهل ڏني وئي جيڪا اڳتي هلي هڪ تاريخي حڪمت عملي واري شراڪت ۾ تبديل ٿي وئي. ساڳئي طرح اسلامي دنيا سان لاڳاپن کي مضبوط بنياد ڏنا ويا ۽ ڪشمير مسئلي کي عالمي سطح تي هڪ مؤثر ۽ زنده ڪيس طور پيش ڪيو ويو جنهن پاڪستان جي موقف کي نئين طاقت بخشي.

ان ئي فڪري پختگي ۽ سياسي ويزن کانپوءِ ۾ سندن وزيراعظمي واري دور (1971–1977) ۾ هڪ جامع قومي نظريي جي صورت ۾ سامهون آئي. هو پاڪستان جي تاريخ جي انهن چند اڳواڻن مان هئا جن اختلافن جي بار هيٺ دٻيل سماج کي هڪ آئيني معاهدي ۾ سلهاڙي ڇڏيو. 1973 جو متفقه آئين سندن سڀ کان وڏي قومي خدمت آهي—اهڙو دستاويز جيڪو اڄ به پاڪستان جي جمهوري وجود جي ڪرنگهي جي هڏي آهي. هي آئين صرف قانوني متن نه پر هڪ اجتماعي عهد آهي ته رياست عوام جي امانت آهي.

سندن "ماني، ڪپڙا ۽ اجهو" صرف هڪ سياسي نعرو نه هئي بلڪه هڪ عهد هو—هڪ واعدو جيڪو هنن غريب، مزدور، هاري ۽ محروم طبقن سان ڪيو. هنن سياست کي ايوانن مان ڪڍي گهٽين، ٻنين ۽ مزدور جي جهوپڙين تائين پهچايو. صنعتن ۽ بينڪن جي قومي ملڪيت ۾ وٺڻ به انهي سوچ جو حصو هو ته معيشت چند هٿن ۾ قيد نه رهي پر عوام جي اجتماعي مفاد ۾ استعمال ٿئي. زرعي سڌارن ذريعي جاگيرداري ڍانچي کي چئلينج ڪيو ويو ۽ زمين کي ان جي اصل حقدارن تائين پهچائڻ جي ڪوشش ڪئي وئي.

ڀٽو جي اصلاحي سوچ صرف معيشت تائين محدود نه هئي. هنن مزدور کي حق ڏنا، پينشن ۽ سماجي تحفظ جهڙن تصورن کي عملي شڪل ڏني ۽ هڪ اهڙي طبقي کي رياستي تحفظ ڏنو جيڪو ڏهاڪن کان محرومي جو شڪار هو. تعليم جي ميدان ۾ سندن ڪوششون هڪ نئين سماجي انقلاب جي بنياد بڻيون. تعليمي ادارن جو قيام ۽ سڌارا انهي سوچ جي عڪاسي هئا ته علم صرف اشرافيه جو حق نه پر هر شهري جو بنيادي حق آهي.

پرڏيهي محاذ تي 1974 جي اسلامي سربراهي ڪانفرنس سندن سياسي بصيرت جو هڪ روشن باب آهي. هن ڪانفرنس مسلم دنيا کي هڪ پليٽ فارم تي گڏ ڪري هڪ نئين سفارتي تاريخ رقم ڪئي. ساڳئي دور ۾ پاڪستان جي ايٽمي پروگرام جي بنياد رکي هنن قومي سلامتي کي هڪ ناقابلِ تسخير ڍانچي ۾ تبديل ڪيو—اهڙو فيصلو جنهن پاڪستان جي دفاعي مستقبل کي محفوظ بڻايو.

ڀٽو جي اصل طاقت سندن عوامي سياست هئي. هو لفظن جا نه پر جذبن جا اڳواڻ هئا. هنن سياست کي طاقت جي ايوانن مان ڪڍي عوامي شعور جو حصو بڻايو. پاڪستان پيپلز پارٽي ذريعي هنن اهڙو سياسي ڪلچر متعارف ڪرايو جنهن ۾ مزدور، هاري ۽ وچولو طبقو صرف تماشائي نه پر فيصلا ڪندڙ بڻيا. نوجوانن کي هنن صرف اميد نه ڏني پر هڪ سياسي ڪردار به عطا ڪيو.

سنڌ سان سندن رشتو صرف جغرافيائي نه پر روحاني هو. هو هن ڌرتي جا سچا سپوت هئا. سنڌ جي سڃاڻپ، ثقافت، ٻولي ۽ محرومين کي هنن قومي بيانيي جو حصو بڻايو. ترقياتي منصوبا، تعليمي ادارا، رستا ۽ آبپاشي نظام انهيءَ ڳالهه جا شاهد آهن ته سندن نظر ۾ سنڌ صرف هڪ صوبو نه پر ملڪ جو مرڪز هئي جنهن جي ترقي پاڪستان جي ترقي سان جڙيل هئي.

سندن شهادت 4 اپريل 1979 تاريخ جو اهو لمحو آهي جنهن وقت کي لوڏي ڇڏيو. هڪ اهڙو فيصلو جنهن تي اڄ به ظلم ۽ ناانصافي جا سوال اٿن ٿا. پر اها حقيقت اڻ ٽر آهي—ته نظريا ڦاهي نٿا چڙهن. ڀٽو کي جسماني طور ختم ڪيو ويو، پر هو عوامي شعور، سياسي مزاحمت ۽ جمهوري اميد طور امر ٿي ويا. هو اڄ به زنده آهن—هر جلسي ۾، هر نعري ۾، هر خواب ۾ جيڪو بهتر پاڪستان جي اميد رکي ٿو.

اڄ جڏهن اسان 4 اپريل کي ياد ڪريون ٿا ته اهو صرف تعزيت جو ڏينهن نه پر هڪ عهد جو ڏينهن آهي. هي ڏينهن اسان کي ياد ڏياري ٿو ته جمهوريت آسان رستو نه پر قربانين سان ڀريل سفر آهي. ڀٽو جي زندگي اسان کي سيکاري ٿي ته رياست تڏهن مضبوط ٿئي ٿي جڏهن اها عوام سان جڙيل هجي، ۽ قيادت تڏهن عظيم بڻجي ٿي جڏهن اها پنهنجي ماڻهن لاءِ جيئڻ ۽ مرڻ جو حوصلو رکي ٿي. ڀٽو صاحب فقط هڪ فرد نه هئا—هو هڪ فڪر هئا، هڪ تحريڪ هئا، هڪ خواب هئا. اهڙو خواب جيڪو اڄ به پاڪستان جي سياسي افق تي روشن آهي ۽ جنهن جي روشني ڪڏهن به مدهم نه ٿي سگهي.

مُلڪ کي اڄ شهيد ڀٽو جي مشن ۽ نظريي جي وڌيڪ ضرورت آهي

ڊاڪٽر مدد علي شاهه

سال 1974 جي هڪ شام، جڏهن مان صرف ڇهن ورهين جو ننڍڙو ٻارڙو هوس ته، هالاڻيءَ جي هڪ رهائشگاهه تي قسمت مون کي والد صاحب سان گڏ ان بزرگ ڪمپنيءَ جي ويجهو آڻي ڇڏيو جتي شهيد ذوالفقار علي ڀٽو موجود هيو. جتي اسان ساڻس گڏ رات جي ماني ڪاڌي. تنهن وقت جو ماحول، ماڻهن جي محبت ۽ رهبر جي سادگي اڄ به منهنجي دل ۾ زنده آهي. ان کان پوءِ 1977ع ۾ جڏهن مان نواڻ جي شفق وانگر نو سالن جو هوس، منهنجي نصيب ۾ وري هڪ اعزاز لکجي ويو جنهن ۾ شهيد بينظير ڀٽو سان ملاقات ٿي. اهو ڏينهن منهنجي لاءِ صرف هڪ ملاقات نه هئي، پر اميد ۽ قربت جو هڪ روپ بڻجي ويو. خاص طور تي اها ياد، جڏهن منهنجي ماءُ مون کي قرآن پاڪ جو تحفو ڏنو ۽ بينظير صاحبه منهنجن ڳلن تي محبت ڀريو هٿ رکيو. اها لمس، اها دعا، اڄ به منهنجي روح کي گرمائيندي آهي. دنيا جي سياست ۽ زماني جي تڪليفن کان مٿاهون، اهي انساني ۽ روحاني لمحا منهنجي زندگي جا روشن ترين لمحا آهن جيڪي مان هميشه ياد رکندس.

ذولفي ڀٽو اهڙو طلسماتي شخص هو جنهن جي هر لفظ ۾ بارود جا شعلا هئا، جنهن جي لفظ لفظ ۾ معصوم ادا هئي ۽ جنهن جي هر جملي ۾ صدين جي ڪا اهڙي صدا هئي جنهن تي ماڻهو ماڻهو فدا ٿيڻ تي چاهيو ان وقت جي ٽرجهڙي پوئتي پيل علائقي کي عام معلومات فراهم ڪرڻ لاءِ ضرورتمند عام شهرين ۾ ريڊيو ورهائيندڙ قائد عوام. لڙوگي ؟ لڙينگي، مروگي؟ مرينگي": هي به نعرا شهيد ذوالفقار علي ڀٽي عوامي سمنڊ سان ٽمٽار هڪ عوامي جلسي ۾ عوام کان واعدي طور ورتا هئا ۽ موت ۾ ان ئي جلسي ۾ شرڪت ڪندڙ عوام پاران ڀرپور موٽ سان ان جو هاڪاري جواب ڏنو. شعور سنڀالڻ کان وٺي ڳڙهي خدا بخش جي مٽيءَ ۾ هميشه لاءِ آرامي ٿيڻ تائين هن جي سموري زندگي جو هر هڪ پل هڪ عظيم داستان رقم ڪري ويو آهي.

پاڪستان پيپلزپارٽيءَ جو بنياد رکڻ وقت شهيد ذوالفقار علي ڀٽي جي دل ۾ ڪجهه خيال ۽ خواب ضرور آيا هوندا ته عوام جي نالي سان قائم ڪندڙ ان پارٽيءَ ۾ عوام جي شموليت کي ڪيئن يقيني بڻائجي، روٽي ڪپڙا اور مڪان جي نعري ۽ ملڪ جي پڙهيل لکيل ۽ نظرياتي قيادت جي پيپلزپارٽيءَ ۾ شموليت، وقت جي آمرن سان ڪليل جنگ ۽ عوام جي طاقت جي ڏڍ سبب ذوالفقار علي ڀٽي عوام جي واڌ ويجهه ۽ ملڪي بهتريءَ لاءِ جدوجهد ڪرڻ شروع ڪئي هن جي سحر انگيز شخصيت ۽ جهر جهنگ ۾ عوام وٽ پهچڻ ۽ ڪجهه ڪري ڏيکارڻ جو نتيجو اهو نڪتو جو ان وقت جي آمر پاران سندس حڪومت جو تختو اونڌو ڪرڻ ۽ ڦاهي چاڙهڻ کان وٺي شهيد محترمه بينظير ڀٽو جي آمرن خلاف ڪيل ملڪي تاريخ جي وڏي ۾ وڏي جدوجهد ايم آر ڊي تحريڪ تائين ڪارڪنن جون هزارين قربانيون ۽ قيد جون عقوبتون سٺيون ته ڪن وري جلاوطني ۽ موت جي ڦاهيءَ کي چميو. ته ڪن وري پنهنجي سينن تي گوليون کاڌيون ۽ ڀٽي صاحب جي مٿين نعري ۽ ان جي موٽ ۾ ڪيل واعدي تي پنهنجي ثابت قدم هجڻ جو ثبوت ڏنو

شهيد ذوالفقار علي ڀٽو هميشه عوامي طبقن مزدورن، صحافين، وڪيلن، استادن، پروفيسرن، شاگردن، هنرمندن ۽ قلم ڌڻين جي تمام ويجهو رهيو. شهيد ذوالفقار علي ڀٽو پاڪستان جهڙي مضبوط طاقت کي اڃا به وڌيڪ مضبوط بڻايو ۽ پهريون پيرو سياست کي ايئرڪنڊيشنڊ ايوانن مان ڪڍي عوام جي جهوپڙين ۽ مانڊڙين تائين پهچايو. هن انساني حقن، مردن، عورتن ۽ اقليتن جي مسئلن، تعليم، صحت ۽ زراعت جي ترقيءَ تي خاص ڌيان ڏياريو. ملڪ کي ائٽمي طاقت بڻايو ۽ جنگي قيدين کي ڀارت جي چنگل مان آزاد ڪرايو. وڏي جدوجهد سان وطن کي 1973 وارو متفقه آئين جو تحفو ڏنو 1974 ۾ اسلامي ملڪن جي عالمي ڪانفرنس منعقد ڪئي. ڀهراڙي جي آبادي کي مراعتن، تعليم، صحت ۽ روزگار جي ذريعي موقعا فراهم ڪيا. سندس هر تقرير ۾ غريبن ۽ مسڪينن جي ڳالهه هوندي هئي يعني هارين توڙي مزدورن جو ذڪر لازمي هوندو هو. شهيد ذوالفقار علي ڀٽي پنهنجي هر تقرير ۾ غريب عوام کي اهو احساس ڏيارڻ جي ڪوشش ڪئي ته عوام ئي طاقت جو اصل سرچشمو آهي. دوست توڙي دشمن اها ڳالهه ضرور مڃيندا ته عوام ۾ سياسي سجاڳيءَ وارو انقلاب صرف ۽ صرف شهيد ڀٽي جي ڪوشش جو نتيجو آهي نه ته ان کان اڳ، عوام سياست ۾ سرگرم حصو ڪونه وٺندو هو ۽ نه ئي اميدوار عوام ۾ اچي ڳالهائڻ پسند ڪندا هئا جڏهن ته ماڻهن جي، ووٽن وجهڻ ۾ ڪا خاص دلچسپي به ڪانه هوندي هئي، ٻين جا ڪوڙا ووٽ وجهڻ جو ته عام رواج هوندو هو. پوءِ، شهيد ڀٽي سياسي سجاڳي وارو طوفان ملڪ اندر آندو جيڪو ڏسنديَ ڏسنديَ ساري ملڪ اندر ڇانئجي ويو جڏهن ته غريبن، هارين ۽ پورهيتن کي احساس ٿيو ته هو پنهنجي قسمت ووٽن ذريعي بدلائي سگهن ٿا.

ذوالفقار علي ڀٽو نه صرف ملڪي وحدت جو مرڪزي نقطو هو پر هن مملڪت خداداد پاڪستان جي ضمانت پڻ هو. پوءِ به جيڪڏهن سندس قائم ڪيل پاڪستان اسٽيل مل، مشين ٽول فيڪٽر، پورٽ قاسم اٿارٽي ۽ نين ڪيترن ئي قومي صنعتي، ترقياتي، تعليمي، طبي ۽ تحقيقي ادارن طرف ڌيان ڏنو وڃي ته اهو معلوم ٿيندو ته ايشيا جو هي ذهين انسان ملڪ کي ڪنهن انقلابي ترقيءَ طرف وٺي وڃي رهيو هو. جتي خوشحالي، امن ۽ احساس ذمه داري ظاهر ٿيندي هجي. نه صرف هن پاڪستان کي خوشحالي ڏني پر عالمي انساني برادريءَ جي وچ ۾ اتحاد ۽ پائيچاري جي لاءِ هر ممڪن ڪوشش پڻ ڪئي. اسلامي ملڪن جي ٻڌيءَ طرف توجهه ڏني. هن فلسطين ۽ ڪشمير جي مسئلن کي باقاعده اجاگر ڪيو ۽ شهيد ذوالفقار علي ڀٽو کي سڄي دنيا ۾ زيادتي، بک، جهالت، ڪومتپيد ۽ تنگ نظري نظر آئي ته هو رڙ ڪري ان جي خلاف اٿيو. ملڪ جي ايوانن اندر آواز بلند ڪيو. عالمي سطح جي هر محاذ تي جنگ وڙهي مظلوم عوام کي رليف ڏنو.

شهيد ذوالفقار علي ڀٽي کي شهيد ٿيندي 47 سال گذري چڪا آهن پر عوام وٽ شهيد ڀٽي جي محبت ۾ ڪا به ڪمي ناهي آئي، جڏهن ته آمر ضياءَ کي ماڻهو اڄ به خراب نالن سان ياد ڪندا آهن. آمر ضياءَ، شهيد ذوالفقار علي ڀٽي کي ڦاهي جي تختي تي چاڙهي وڏو ظلم ڪيو پر سڀ کان وڌيڪ ظلم اهو ڪيو ويو جو ڀٽي صاحب جي وارثن يعني مرحوم بيگم نصرت ڀٽو ۽ بينظير ڀٽو شهيد سميت ڀٽو خاندان جي ڪنهن به فرد کي ڀٽي صاحب جو آخري ديدار نه ڪرڻ ڏنو. اڄ وطن کي قائد عوام شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي مشن ۽ سندس نظرين جي وڌيڪ ضرورت آهي. ڪاش! تاريخ 4 اپريل 1979ع تي رياستي دهشتگردي جي بدترين عمل جو نوٽيس ورتو وڃي ها ۽ قاتلن کي سرعام سزا ڏني وڃي ها ته شايد اسان جي قوم کي ايترو ناقابل تلافي نقصان نه پهچي ها. پشاور جا ٻارڙا شهيد نه ٿين ها. هزارين شهرين جا گهر نه اجڙن ها. امڙيون بيواهه نه ٿين ها.

ذولفي هڪ نظريي، هڪ مشن، هڪ حسين جذبي، هڪ جهد مسلسل ۽ روايت ٽوڙ هڪ عزم جو نالو آهي. سندس زندگيءَ جو تت هن سٽ ۾ بيان ڪري سگهجي ٿو ته،

مونسين هلي سا، جا جيءَ متو نه ڪري.

بقايا *** 01

جي آجيان ڪندي علائقي ۾ امن لاءِ ڪوششون جاري رکڻ جو عزم ورجايو آهي. ايراني پرڏيهي وزير جو چوڻ آهي ته "آمريڪي ميڊيا ايران جي موقف کي غلط انداز ۾ پيش ڪري رهي آهي." ايران جي پرڏيهي وزير عباس عراقچي ايڪس تي جاري ڪيل پنهنجي بيان ۾ چيو ته "اسان پاڪستان جي ڪوشش لاءِ دل سان ٿورائتا آهيون ۽ اسان ڪڏهن به ڳالهين لاءِ اسلام آباد وڃڻ کان انڪار ناهي ڪيو." هن وڌيڪ چيو ته "اسان لاءِ اهم ڳالهه ان غير قانوني جنگ جي حتمي ۽ دائمي خاتمي جا شرط آهن جيڪا اسان تي مڙهي وئي آهي." ٻئي پاسي پاڪستان جي نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير اسحاق ڊار ايڪس تي ئي ايراني پرڏيهي وزير عباس عراقچي جو شڪريو ادا ڪيو ۽ چيو ته "اسان توهان جي طرفان ڏنل وضاحت جي آجيان ڪريون ٿا." واضح رهي ته پاڪستان طرفان آمريڪا ۽ ايران وچ ۾ جنگبندي ڪرائڻ جون ڪوششون جاري آهن ۽ پاڪستان طرفان ان اهم معاملي تي ٺياڪڙ طور سامهون اچڻ ۾ بحث جو موضوع بڻيل آهي. ايراني پاسداران انقلاب جي ڪمانڊر جنرل قاآني جو چوڻ آهي ته سمورن آمريڪي دهشتگرد فوجن جو مقدر علائقي مان پوڻ آهي. جنرل قاآني چيو ته ڊونلڊ ٽرمپ کي آمريڪي ساموندي ٻيڙي جيرالڊ فورڊ جي ڪمانڊر کي به هٽائڻ گهرجي. جيرالڊ فورڊ جي ڪمانڊر يمن جي بهادر مجاهدين ۽ ثابت قدم عوام جي ڊپ کان آبناءِ باب المندب مان لنگهڻ جي جرئت نه ڪئي. هن وڌيڪ چيو ته ڪمانڊر جيرالڊ فورڊ 2 هفتن جي خواريءَ کانپوءِ من گهڙت ڪهاڻي ناهي ڳاڙهي سمنڊ مان فرار ٿي ويو. ايراني ميڊيا جو چوڻ آهي ته پاسداران انقلاب گارڊز اسرائيل تي بيلسٽڪ ميزائلن ۽ ڊرونز جي 94هين لهر فائري ڇڏي آهي. ايراني ميڊيا موجب، اسرائيل جي ڏاکڻي، وچولي ۽ اترين علائقن ۽ تل ابيب تي ميزائل فائر ڪيا ويا. ايراني فورسز اسرائيل ۾ اهم صنعتي ۽ فوجي مرڪزن کي نشانو بڻايو. آمريڪي نشرياتي اداري سي اين اين جو چوڻ آهي ته ايران طرفان هينئر تائين 7 آمريڪي جهاز ڪيرايا ويا آهن. سي اين اين جي رپورٽ ۾ ٻڌايو ويو آهي ته تباهه ڪيل جهازن ۾ ايف 35، ايف 15 ايگل ۽ اي ٽري جاسوس جهاز شامل آهن. ايران ۾ بوشهر جوهري پاور پلانٽ جي پيريميٽر جي ويجهو پروجيڪٽائل حملي جي ڪري هڪ شخص مارجي ويو ايراني ميڊيا موجب، حملي ۾ بوشهر پاور پلانٽ جي مرڪزي حصن کي نقصان ناهي پهتو. جڏهن ته پاور پلانٽ جي پيداوار به متاثر ناهي ٿي. ايران جي صوبي خوزستان ۾ پيٽروڪيميڪل زون ۾ ڌماڪا، جاني نقصان جو خدشو ايراني ميڊيا موجب، ڏکڻ اولهه صوبي خوزستان ۾ ماهشهر اسپيشل پيٽروڪيميڪل زون ۾ ڪيترن ئي ڌماڪن جا آواز ٻڌا ويا، ماهشهر اسپيشل پيٽروڪيميڪل زون تي آمريڪي اسرائيلي حملي ۾ جاني نقصان جو خدشو آهي. ميڊيا رپورٽن موجب، آمريڪي ۽ اسرائيلي حملي ۾ بندر امام پيٽروڪيميڪل ڪمپليڪس کي نشانو بڻايو ويو. حملي ۾ بندر امام پيٽروڪيميڪل ڪمپليڪس جي ڪجهه سيڪشنز کي نقصان پهتو ايراني ميڊيا جو چوڻ آهي ته ايراني فورسز اصفهان ۾ آمريڪي ڊرون ڪيرائي ڇڏيو. ايراني جديد ايئر ڊفينس سسٽم اصفهان ۾ آمريڪي ايم ڪيو ون ڊرون ڪيرائي ڇڏيو. ايران ڪيرايل آمريڪي جهاز جي پائلٽ جي ڳولا تي 66 هزار 100 ڊالر انعام جو اعلان ڪيو آهي. برطانوي ميڊيا، ايراني سرڪاري ميڊيا جي حوالي سان رپورٽ ڪيو آهي ته آمريڪي پائلٽ کي زنده پڪڙيندڙ شهري کي انعام ڏنو ويندو. آمريڪي ميڊيا موجب، آمريڪي اهلڪارن جو چوڻ آهي ته جهاز جي پائلٽ کي بچائي ورتو ويو. جڏهن ته عملي جو هڪ ميمبر گم آهي. لاپتا اهلڪار جهاز ۾ موجود ويپن سسٽمز آفيسر هو واضح رهي ته آمريڪي ايف 15 جهاز گذريل ڏينهن ڏکڻ ايران ۾ ڪيرايو ويو هو. ايراني جنرل اسٽاف آف آرمڊ فورسز جي ترجمان جنرل شڪارچي جو چوڻ آهي ته ايران جي حڪمت عملي آمريڪن کي اولهه ايشيا مان ڪڍڻ آهي. جنرل شڪارچي چيو ته ايراني نار آمريڪن ۽ صهيونين لاءِ بند رهندي. ايراني پاسداران انقلاب جو ٽرمپ جي ايراني پُلن ۽ بجلي گهرن کي اڏائڻ واري ڌمڪي تي سخت ردعمل ايراني پاسداران انقلاب گارڊز جي ترجمان آمريڪي صدر ٽرمپ جي ايراني پُلن ۽ بجلي گهرن کي اڏائڻ جي ڌمڪي تي سخت ردعمل ڏيندي چيو ته جيڪڏهن ايراني پلن ۽ بجلي گهرن کي نشانو بڻايو ويو ته ايراني فوج علائقي ۾ آمريڪي اسرائيلي فيول، توانائي ۽ معاشي سيڪٽرن کي نشانو بڻائيندي. پاسداران انقلاب گارڊز جو چوڻ آهي ته ايراني فوج آمريڪا، ان جي اتحادي ملڪن ۽ ميزبانن جي اثاثن کي به نشانو بڻائيندي. علائقي ۾ آمريڪي اڏن جي ميزبان ملڪ جيڪڏهن نقصان کان بچڻ چاهين ٿا ته آمريڪن کي پنهنجي سرزمين تان نيڪالي ڏين. آمريڪي دفاعي وزارت جي انگن اکرن موجب، ايران خلاف جنگ جي شروعات کان وٺي هينئر تائين سندس فوج جا 365 اهلڪار زخمي ٿي چڪا آهن هينئر تائين آمريڪي فوج جا 247، نيوي جا 63، 19 ميرينز ۽ ايئرفورس جا 36 اهلڪار هن جنگ دوران زخمي ٿي چڪا آهن. پينٽاگون جي انگن اکرن موجب، هن جنگ دوران هينئر تائين 13 اهلڪار مارجي چڪا آهن

بقايا *** 02

جي باني شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي شهادت جي 47هين ورسي ملهائي رهيا آهيون. جنهن جي زندگي 4 اپريل 1979ع تي جنرل ضياءَ الحق جي مارشل لا دور ۾ هلايل هڪ ڪيس ڪانپوءِ ناحق ختم ڪئي وئي. ايوان صدر جي پريس ونگ موجب صدر شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي ورسي جي موقعي تي پنهنجي پيغام ۾ چيو ته شهيد ذوالفقار علي ڀٽو پاڪستان جي سياسي تاريخ ۾ مرڪزي حيثيت رکي ٿو. 1971ع ڪانپوءِ مشڪل دور ۾ سندس قيادت قومي اعتماد کي بحال ڪرڻ ۽ ملڪ کي هڪ نئي آئيني رستي تي آڻڻ ۾ مدد ڏني. هن چيو ته 1973ع جي آئين جي منظوري جيڪو اڄ به اسان جي پارلياماني نظام جي رهنمائي ڪري رهيو آهي. ان دور جي سڀ کان پائيدار ڪاميابين مان هڪ آهي. سندس حڪومت اهڙين پاليسين ۽ ادارن جو بنياد رکيو جن ايندڙ سالن ۾ پاڪستان جي اسٽريٽجڪ رخ ۽ قوم سوچ کي شڪل ڏني. صدر مملڪت چيو ته اٽڪل اڌ صدي ڪانپوءِ ان جي غير منصفاڻي، غير قانوني ۽ غير آئيني ڦاهي جي حوالي سان سپريم ڪورٽ آف پاڪستان 6 مارچ 2024ع تي پنهنجي فيصلي ۾ قرار ڏنو ته شهيد ذوالفقار علي ڀٽو کي منصفاڻي ٽرائيل ۽ قانوني گهرجن جو حق نه ڏنو ويو هن چيو ته عدالت مشاهدو ڪيو ته قانوني ڪارروائي منصفاڻي ٽرائيل ۽ قانون جي ضابطن جي هر جهلڪ کي ختم ڪيو ويو ۽ اهو ظاهر ڪيو ويو ته هڪ بي گناهه شخص کي جلدبازي ۾ ڦاهي ڏني وئي. صدر آصف علي زرداري چيو ته عدالت جي راءِ ۾ منصفاڻي طريقيڪار سان ڪيترين ئي سنگين پيچيدگين جي نشاندهي ڪئي وئي، قتل جي جاچ مئي 1976ع ۾ باضابطه طور بند ڪئي وئي هئي، چاڪاڻ ته پوليس ۽ تحقيقاتي ادارا جوابدارن جو تعين ڪرڻ ۾ ناڪام رهيا، جڏهن ته 5 جولاءِ 1977ع کان فوري پوءِ جنرل ضياءَ الحق مارشل لا ذريعي حڪومت جو تختو اونڌو ڪيو. ڪيس کي بنا ڪنهن قانوني اجازت جي ٻيهر کوليو ويو ۽ ان ڪيس کي غير معمولي طريقي سان لاهور هاءِ ڪورٽ منتقل ڪيو ويو، جوابدار کي اطلاع ڏيڻ بنا ڪائنس اپيل جي حق کان محروم ڪيو ويو ۽ اهم قانوني خدشن کي غير موثر بڻايو ويو جن ۾ فوجداري ضابطي جي ڪلم 376 تحت اهو به لازمي شرط به شامل ڪيو ويو ته هر موت واري سزا جي توثيق هاءِ ڪورٽ ڪري. صدر مملڪت چيو ته عدالت نوٽ ڪيو ته ان شڪ کي صرف هڪ پيرونظر انداز ڪيو ويو ۽ هي اهو ئي ڪيس هو. هن چيو ته 1979ع ۾ سندس ڦاهي پاڪستان کان ٻاهر به ڳڻتي کي جنم ڏنو جتي ڪيترن ئي عالمي اڳواڻن ۽ مبصرن ڪيس ۽ سزا جي حالتن تي بي چيني جو اظهار ڪيو. ائين اهو واقعو نه رڳو پاڪستان جي داخلي سياسي تاريخ ۾ پر انصاف، قانون ۽ سياسي اختيارن بابت عالمي بحث ۾ اهم مقام رکي ٿو صدر چيو ته اهو ڏينهن اسان کي ياد ڏياري ٿو ته انصاف ۽ قانوني ضابطه رڳو نظرياتي اصول ناهن. انهن جي موجودگي يا عدم موجودگي شهرين جي روزاني زندگي ۾ محسوس ڪئي ويندي آهي، چاهي اهو عدالتون، عوامي آفيسون، ڪم وارا هنڌ يا اسڪولن ۾ هجن. جڏهن ادارا منصفاڻي ۽ قانون موجب ڪم ڪن ٿا ته شهرين کي يقين ٿئي ٿو ته انهن جا حق محفوظ رهندا پر جڏهن اهو معيار ڪمزور ٿي وڃي ٿو ته ان جا اثر سڀ کان وڌيڪ عام ماڻهو تي پون ٿا. صدر چيو ته اڄو ته اسان شهيد محترم بينظير ڀٽو جي جرئت ۽ قرباني کي به ياد ڪريون، جنهن پنهنجي والده بيگم نصرت ڀٽو سان گڏجي سياسي ڏاڍ، قيد ۽ بند ۽ جلاوطني جي دور ۾ ان جدوجهد کي اڳيان وڌايو. جمهوري مزاحمت ۽ مسلسل جدوجهد خاص ڪري جمهوريت جي بحالي واري تحريڪ ذريعي هن پاڪستان ۾ آئيني نظام جي بحالي جون ڪوششون جاري رکيون ۽ آخرڪار جمهوري قدرن خاطر پنهنجي جان جو نذرانو پيش ڪيو صدر چيو ته قوم طور اسان کي پنهنجي تاريخ جي ان باب ۾ واضح سبق حاصل ڪرڻ گهرجن. اسان جي ادارن تي اها مستقل ذميواري لاڳو ٿئي ٿي ته هو قانون جي حڪمراني کي يقيني بڻائين، قانوني گهرجن جو تحفظ ڪن ۽ انصاف جي فراهمي کي غير جانبدار ۽ منصفاڻو بڻائين. هن چيو ته اهي ئي اصول اسان جي جمهوريت جي مضبوطي ۽ عوام جي رياستي ادارن تي اعتماد لاءِ ضروري آهن.

بقايا *** 03

ميمڻ چيو آهي ته شهيد ذوالفقار علي ڀٽو هڪ دور، هڪ نظريي ۽ عوام جي حقن لاءِ جدوجهد جو استعارو هو. عوام جي اڳواڻ شهيد ڀٽو پاڪستان جي عوام کي سياسي شعور، حڪمراني جي جمهوري حق ۽ خودمختياري جو احساس ڏنو عوامي اڳواڻ ذوالفقار علي ڀٽو جي 47 هين ورسي جي موقعي تي هڪ پيغام ۾ سينئر وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو ته شهيد ڀٽو نه رڳو پاڪستان کي هڪ متحد آئين ڏنو پر ملڪ کي ايٽمي طاقت بڻائڻ جو بنياد به رکيو. شهيد بي بي شهيد ڀٽو جي نقش قدم تي هلندي ملڪ کي ميزائل ٽيڪنالاجي ڏني. اڄ جي بين الاقوامي صورتحال ۾ پاڪستان جو مضبوط دفاع شهيد ڀٽو ۽ شهيد بي بي جي ڪوشش جو نتيجو آهي.هن چيو ته شهيد ڀٽو جي قيادت ۾ مزدورن، هارين، شاگردن ۽ محروم طبقن کي آواز مليو. شهيد ڀٽو جو سياسي خيال ۽ فلسفو اڄ به پاڪستان پيپلز پارٽي جي ڪارڪنن ۽ قيادت لاءِ رهنمائي ڪندڙ روشني آهي. شرجيل انعام ميمڻ چيو ته آصف علي زرداري ۽ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جي قيادت ۾، اسان شهيد ڀٽو جي مشن کي جاري رکڻ جو عزم ڪريون ٿا. شهيد ڀٽو جي قرباني رائيگان نه ويندي. سندس ون پاڪستان جي ترقي ۽ خوشحالي جي بنياد بڻجندو رهندو.

بقايا *** 04

کي خراج تحسين پيش ڪري رهي آهي. جنهن نه رڳو پاڪستاني سياست جو رخ بدلايو پر عوام کي شعور، خود قابو ۽ جمهوريت جي حقيقي طاقت کان به آگاهه ڪيو. بئريسٽر ارسلان اسلام شيخ چيو ته شهيد ڀٽو ڪنهن هڪ فرد جو نالو نه پر هڪ جامع نظريي، انقلابي سوچ ۽ تاريخي جدوجهد جي علامت آهي. بئريسٽر ارسلان اسلام شيخ چيو ته هن مزدورن، هارين ۽ محروم عوام جي مظلوم طبقن کي آواز ڏنو انهن کي بااختيار بڻايو ۽ دنيا تي اهو سچ ظاهر ڪيو ته "طاقت جو سرچشمو عوام آهي". بئريسٽر ارسلان اسلام شيخ چيو ته قائد عوام جي غير معمولي بصيرت ۽ دلير قيادت پاڪستان کي هڪ خودمختيار، مضبوط ۽ باوقار رياست بڻائڻ جي بنياد فراهم ڪئي. بئريسٽر ارسلان اسلام شيخ چيو ته سندس تاريخي فيصلن جي ڪري پاڪستان ايٽمي طاقت جي سفر تي نڪتو. جنهن ملڪ جي دفاع کي ناقابل تسخير بڻايو ۽ عالمي سطح تي ان جي حيثيت مضبوط ڪئي. بئريسٽر ارسلان اسلام شيخ چيو ته جيتوڻيڪ 4 اپريل جي رات تاريخ جو هڪ ڪارو باب هئي، پر شهيد ڀٽو جي خيالن جي روشني اڃا تائين سڄي ملڪ ۾ پکڙجي رهي آهي ۽ هر دور ۾ سچائي ۽ عوامي خودمختياري جي آواز کي مضبوط ڪري رهي آهي. بئريسٽر ارسلان اسلام شيخ چيو ته سپريم ڪورٽ جو تازو فيصلو پڻ ان ڳالهه جو واضح ثبوت آهي ته تاريخ آخرڪار سچ کي تسليم ڪري ٿي. بئريسٽر ارسلان اسلام شيخ چيو ته شهيد ڀٽو نه رڳو مزدور طبقي کي انهن جا جائز حق ڏنا پر جاگيردارانه سوچ خلاف هڪ مضبوط نظرياتي محاذ پڻ قائم ڪيو. جنهن جا اثر اڄ به ملڪ جي سياست ۾ نظر اچن ٿا. بئريسٽر ارسلان اسلام شيخ چيو ته ڀٽو جي سياسي جدوجهد هڪ مڪمل درس ۽ نئين نسل لاءِ عملي رهنمائي جو ذريعو آهي. بئريسٽر ارسلان اسلام شيخ چيو ته سکر سميت سنڌ جا ماڻهو اڄ به پنهنجي مهربان اڳواڻ کي سرخ سلام پيش ڪندي پنهنجي نظريي ۽ مشن کي هر سطح تي اڳتي وڌائڻ جي عهد جي تجديد ڪري رهيا آهن. بئريسٽر ارسلان اسلام شيخ چيو ته شهيد ڀٽو تڏهن دنيا جي ملڪن کي متحد ڪيو ۽ عالمي طاقتن جي سامهون هڪ مضبوط ۽ آزاد موقف اختيار ڪيو. جيڪو اڄ به عالمي سياست ۾ هڪ چمڪندڙ مثال طور ڏنو وڃي ٿو بئريسٽر ارسلان اسلام شيخ چيو ته بلاول ڀٽو زرداري جي قيادت ۾ پاڪستان پيپلز پارٽي شهيد ڀٽو جي "روٽي، ڪپڙو ۽ گهر" جي سونهري اصولن کي پورو ڪرڻ لاءِ پنهنجي عملي جدوجهد جاري رکي رهي آهي ۽ عوامي خدمت کي پنهنجي سياست جو محور بڻائي رهي آهي. بئريسٽر ارسلان اسلام شيخ چيو ته ڀٽو خاندان جون لازوال قربانيون پاڪستان ۾ جمهوريت، آئين جي بالادستي ۽ عوامي حقن جي تحفظ جي ضمانت آهن. بئريسٽر ارسلان اسلام شيخ چيو ته شهيد ڀٽو پنهنجي جان قربان ڪري به آمريت جي اڳيان جهڪڻ کان انڪار ڪيو ۽ سچ ۽ انصاف جي بالادستي جي هڪ روشن مثال قائم ڪئي. آخر ۾، بئريسٽر ارسلان اسلام شيخ چيو ته شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جو نالو تاريخ جي سونهري صفحن ۾ هميشه زنده رهندو _ هو هڪ دور هو، هڪ نظريو هو ۽ اڄ به، هو لکين دلين جي ڌڙڪن آهي. بئريسٽر ارسلان اسلام شيخ دعا ڪئي ته الله تعاليٰ شهيد ذوالفقار علي ڀٽو کي جنت الفردوس ۾ اعليٰ مقام عطا ڪري ۽ اسان کي سندس مشن تي ثابت قدم رهڻ جي توفيق عطا ڪري. آمين.

بقايا *** 05

آئين ۽ جمهوري اصولن جي روشني ۾ هڪ مضبوط، خوشحال ۽ ترقي يافته پاڪستان جي قيام لاءِ پنهنجي جدوجهد جاري رکندا رهنداسين. سينيٽ سيڪريٽريٽ مان جاري بيان موجب پيپلزپارٽي جي باني ۽ اڳوڻي وزيراعظم شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي 47 هين ورسي جي موقعي تي پنهنجي پيغام ۾ سينيٽ چيئرمين چيو ته شهيد ذوالفقار علي ڀٽو نابغه روزگار، مدبر ۽ عوام دوست اڳواڻ هو جنهن پاڪستان جي جمهوري، سماجي ۽ دفاعي بنيادن کي مضبوط بڻائڻ ۾ تاريخي ڪردار ادا ڪيو. سينيٽ چيئرمين چيو ته شهيد ذوالفقار علي ڀٽو ملڪ ۾ جمهوريت کي مستحڪم ڪيو ۽ عوام کي حقيقي معنيٰ ۾ اقتدار جو سرچشمو بڻايو. سندس اڳواڻي ۾ 1973ع جو متفقه آئين جوڙيو ويو جيڪو اڄ به پاڪستان جي جمهوري نظام، وفاقي استحڪام ۽ عوامي حقن جي ضمانت آهي. هن چيو ته شهيد ڀٽو آئين جي بالادستي، جمهوري قدرن ۽ عوامي حقن لاءِ هميشه اصولي جدوجهد ڪئي ۽ هارين، مزدورن توڙي عورتن جو موثر آواز بڻيو سيد يوسف رضا گيلاني چيو ته شهيد ڀٽو جي بصيرت واري قيادت ۽ انقلابي سوچ پاڪستان کي ترقي، پائيداري ۽ عوامي فلاح جي راهه تي گامزن ڪيو. هن پنتي پيل طبقن کي قومي ڌارا ۾ شامل ڪري کين بااختيار بڻائڻ لاءِ عملي قدم کنيا جن جي نتيجي ۾ صنعت، معيشت ۽ تعليم جي شعبن ۾ نمايان اڳڀرائي ٿي. هن چيو ته ملڪ جي دفاع کي مضبوط بڻائڻ لاءِ شهيد ڀٽو جا تاريخي فيصلا خاص ڪري پاڪستان جي ايٽمي پروگرام جو بنياد رکڻ، قومي سلامتي لاءِ پٿر جو پٿر ثابت ٿيو اهڙي طرح سندس متحرڪ پرڏيهي پاليسي، پاڪستان کي عالمي سطح تي باوقار ۽ خودمختيار سڃاڻپ ڏني. جڏهن ته اسلامي سربراهي اجلاس جي ميزباني مسلمان امت جي اتحاد کي هٿي ڏني. سينيٽ چيئرمين چيو ته شهيد ڀٽو جي خدمتن جو اعتراف نه رڳو پاڪستان پر عالمي سطح تي به ڪيو وڃي ٿو. سندس جدوجهد، قربانيون ۽ عوامي خدمت جو جذبو اڄ به قوم لاءِ مشعل راهه آهي ۽ سندس فڪر تي عمل ڪندي ملڪ ۾ سماجي انصاف، جمهوري استحڪام ۽ قومي هم آهنگي کي هٿي ڏئي سگهجي ٿي. هن شهيد محترمه بينظير ڀٽو جي خدمتن کي به خراج تحسين پيش ڪندي چيو ته هن جمهوريت کي هٿي ونرائڻ، عورتن کي بااختيار بڻائڻ ۽ عوامي حقن جي تحفظ لاءِ مثالي جدوجهد ڪئي ۽ مسلمان دنيا جي پهرين عورت وزيراعظم بڻجي تاريخ رقم ڪئي. سيد يوسف رضا گيلاني وڌيڪ چيو ته صدر مملڪت آصف علي زرداري جمهوري روايتن کي مستحڪم ڪندي پارلياماني نظام کي طاقت ڏني. جڏهن ته 18 هين آئيني ترميم جهڙا قدم صوبن کي خودمختياري ۽ هڪجهڙن حقن جي فراهمي يقيني بڻائي. هن ان ڳالهه تي به روشني وڌي ته پاڪستان پيپلزپارٽي جو چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري نوجوان قيادت طور جمهوري قدرن ۽ عوامي خدمتن کي هٿي ونرائڻ لاءِ متحرڪ ڪردار ادا ڪري رهيو آهي.

بقايا *** 06

مدد ۾ وڌيڪ اضافو ڪندي ته جيئن محروم طبقن جي مسئلن کي گهٽائي سگهجي ۽ انهن کي بهتر صحت، تعليم، مهارت ۽ روزگار جا موقعا فراهم ڪري سگهجن. هو نيشنل فورم فار انوائرمينٽ اينڊ هيلٿ (اين ايف اي ايڇ) جو ميمبر آهي. هو هڪ مقامي هوٽل ۾ سي ايس آر فائونڊيشن پاران منعقد ڪيل 18 هين سالياني سي ايس آر سمٽ ۽ ايوارڊز 2026 (ڪراچي چيپٽر) کي مهمان خاص طور تي خطاب ڪري رهيو هو. ناصر حسين شاهه چيو ته مخلص فلاحي ادارا سماج جي انهن طبقن تائين پهچي رهيا آهن جيڪي غربت ۽ محرومي جو شڪار آهن. ۽ اهڙن ادارن جي سرپرستي حڪومت ۽ خانگي شعبي ٻنهي جي گڏيل ذميواري آهي. هن چيو ته پاڪستان پيپلز پارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري ۽ سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه جي ويزن تحت، حڪومت انهن ادارن سان گڏ بيٺي آهي جيڪي عوام جي ڀلائي لاءِ ڪم ڪري رهيا آهن.هن چيو ته سنڌ حڪومت اڳ ۾ ئي سنڌ انسٽيٽيوٽ آف يورولوجي اينڊ ٽرانسپلانٽيشن (SIUT) قائم ڪري چڪي آهي. ان (۽ انڊس اسپتال ۽ هيلٿ نيٽ ورڪ جهڙن ادارن سان ڪامياب پائيداري قائم ڪئي آهي، ۽ هن سهڪار کي وڌيڪ وڌايو ويندو تقريب کي خطاب ڪندي ايف پي سي سي آءِ جي سينئر نائب صدر ثاقب فياض مگو چيو ته ڪراچي فلاحي سرگرمين ۽ عوامي خدمت جي لحاظ کان ملڪ ۾ هڪ اهم مقام رکي ٿو ۽ ادارا مسلسل عوامي خدمت ۾ مصروف آهن ڊي آءِ جي ٽريفڪ ڪراچي پير محمد شاهه چيو ته اي-چالان سسٽم جي لاڳو ٿيڻ سان ٽريفڪ ضابطن تي عملدرآمد ۾ بهتري آئي آهي ۽ حادثن ۾ نمايان گهٽتائي آئي آهي. هن چيو ته اڳ ۾ هر مهيني لڳ ڀڳ 90 ماڻهو فوت ٿيندا هئا، جيڪي هاڻي گهٽجي 40 کان 50 تي ويا آهن.انڊس اسپتال ۽ هيلٿ نيٽ ورڪ جي صدر ڊاڪٽر عبدالباري خان، سنڌ حڪومت جي مسلسل سهڪار تي شڪريو ادا ڪيو. جڏهن ته ڪميونٽي پوليسنگ ڪراچي جي مراد علي سوني شهر ۾ ڏوهن کي روڪڻ لاءِ 2,000 جديد ڪيمرائن جي انسٽاليشن بابت آگاهه ڪيو سائيٽ ايسوسيئيشن جي صدر عبدالرحمان فدا الخدمت فائونڊيشن جي فلاحي منصوبن جي تعريف ڪئي، جڏهن ته ايم ڊي سنڌ سالڊ ويسٽ مئنيجمينٽ بورڊ طارق علي نظاماڻي شهري صفائي جي نظام کي بهتر بڻائڻ لاءِ جاري قدمن تي روشني وڌي. اين جي وي اسڪول مئنيجمينٽ بورڊ جي سي اي او محمد موسيٰ چيو ته ملڪ جي ترقي ممڪن ناهي جيستائين تقريبن 25 ملين اسڪول کان ٻاهر ٻارن کي معياري تعليم فراهم نه ڪئي وڃي، ۽ ان مقصد لاءِ گڏيل ڪوششون ضروري آهن. تقريب جي شروعات ۾، اين ايف اي ايڇ جي صدر محمد نعيم قريشي چيو ته هن سمٽ جو مقصد حڪومت، خانگي شعبي، اين جي اوز ۽ سول سوسائٽي کي هڪ پليٽ فارم تي آڻڻ آهي ته جيئن غربت جي خاتمي، ماحولياتي تحفظ ۽ سماجي ترقي لاءِ گڏيل قدمن کي فروغ ڏئي سگهجي. هن چيو ته اين ايف اي ايڇ وڻ پوکڻ جي مهم ۽ ماحول دوست سرگرمين جي فروغ ۾ پڻ سرگرم عمل آهي. اين ايف اي ايڇ جي سيڪريٽري جنرل رقيه نعيم چيو ته ڪارپوريٽ شعبي پاران سماجي ذميواريون پوريون ڪرڻ خوش آئند آهي ۽ اهڙا قدم سماج ۾ مثبت تبديلي جو سبب بڻجن ٿا. نائب صدر اين ايف اي ايڇ نديم اشرف مختلف ڪمپنين ۽ ادارن جي شاندار سي ايس آر قدمن تي روشني وڌي. انهن جي خدمتن جي تعريف ڪندي هن چيو ته انهن جو ڪردار ساراهه جوڳو آهي ۽ اهي ڪوششون پائيدار ترقي جي بنياد آهن.تقريب جي آخر ۾، شاندار ڪارڪردگي ڏيکاريندڙ ادارن ۽ ڪمپنين ۾ ايوارڊ ورهايا ويا.

بقايا *** 07

. برطانوي ميڊيا موجب، ميگن ڊيوڊ ادوم ايمبولينس سروس جو چوڻ آهي ته ڇنڇر ڏينهن ايراني حملن ڪانپوءِ وچ اسرائيل جي ڇهن علائقن ۾ امدادي ڪارروايون جاري آهن.تل ابيب جي اوڀر ۾ قائم شهر رامات گان ۾ ايراني ميزائل حملي ڪانپوءِ عمارتن کي نقصان پهتو آهي، جڏهن ته حملي ۾ ڪنهن به جاني نقصان جو اطلاع ناهي مليو.ان کان اڳ اسرائيلي ڊفينس فورسز (آءِ ڊي ايف) چيو هو ته هنن ايران مان فائر ڪيل ميزائلن جي نشاندهي ڪئي آهي ۽ عوام کي محفوظ هنڌن ڏانهن منتقل ٿيڻ جي هدايت ڪئي وئي هئي.

بقايا *** 08

جو امڪان ظاهر ڪيو آهي. موسميات کاتي جو چوڻ آهي ته اولهندي هوائن جو هڪ سلسلو 5 اپريل تي ايران جي رستي بلوچستان ۾ داخل ٿي سگهي ٿو موسميات کاتي موجب سنڌ ۾ اولهندي هوائن جا اثر 6 اپريل تي برسات جي صورت ۾ نظر اچي سگهن ٿا. جڏهن ته ڪراچي ۾ به 6 اپريل تي مينهن وسي سگهي ٿي.موسميات کاتي موجب، سسٽم سبب ڪراچي ۾ هلڪي کان وچولي برسات جو امڪان آهي.

بقايا *** 09

پاڪس جهڙي پراسرار چمڙي جي بيماري پکڙجڻ جي خدشي سبب سمورن ضلعن جي اسپتالن کي الرٽ رهڻ جو حڪم جاري ڪيو ويو آهي. سنڌ جي مختلف ضلعن ۾ ٻارن ۽ وڏن ۾ منڪي پاڪس ۽ چڪن پاڪس جهڙين علامتن واري هڪ پراسرار چمڙي جي بيماري تيزي سان پکڙجي رهي آهي.ڊي جي هيلٿ سنڌ صورتحال جي سنگيني کي نظر ۾ رکندي آغا خان اسپتال کي خط لکي ڇڏيو آهي، جنهن ۾ چيو ويو آهي ته شڪي ڪيسن جا نمونا فوري طور ٽيسٽ لاءِ موڪليا وڃن ۽ نتيجن کان صحت کاتي کي آگاهه ڪيو وڃي.سمورن ضلعن جي اسپتالن جي انتظاميا کي الرٽ رهڻ جو حڪم ڏنو ويو آهي ۽ ڪمشنر سکر سيڪريٽري صحت کي خط لکي ڊويزن ۾ فوري هيلٿ ايمرجنسي لاڳو ڪرڻ جي سفارش ڪئي آهي.سڀ کان وڌيڪ متاثر ضلعو خيرپور آهي، جتي گذريل 10 ڏينهن دوران هن بيماري سبب 7 ٻار فوت ٿي چڪا آهن، جنهن ڪانپوءِ علائقي ۾ هراس پکڙجي ويو آهي.ڪمشنر سکر عابد سليم قريشي موجب، خيرپور ۾ هينئر تائين 7 ٻار حياتي وڃائي چڪا آهن ۽ 16 تصديق ٿيل ڪيس رپورٽ ٿيا آهن. جن جون علامتون منڪي پاڪس ۽ چڪن پاڪس سان ملندڙ جلندڙ آهن.خيرپور جي هڪ خانگي اسپتال ۾ 4 ڪيس سامهون اچڻ تي ان کي ترت طور سيل ڪيو ويو آهي، جڏهن ته سکر جي هڪ خانگي اسپتال ۾ به ڪيس رپورٽ ٿيو آهي. سول اسپتال سکر ۽ خيرپور اسپتال ۾ هنگامي بنيادن تي آئسوليشن وارڊ قائم ڪيا ويا آهن.ڊي جي هيلٿ سنڌ ٻيهر هدايت ڪئي آهي ته شڪي ڪيسن جا نمونا فوري ٽيسٽ لاءِ موڪليا وڃن ۽ نتيجن بابت صحت کاتي کي آگاهه ڪيو وڃي.ڪمشنر آفيس سکر ۾ سيني لاڳاپيل کاتن جو هنگامي اجلاس طلب ڪيو ويو آهي، جنهن ۾ بيماري جي علامتن جو جائزو ورتو ويندو.ڊويزن ۾ عوامي آگاهي مهم پڻ هلائي ويندي ۽ اسپتالن ۾ ايس او پيز تي سختي سان عمل ڪرائڻ جو فيصلو ڪيو ويو آهي.

بقايا *** 10

رپورٽ موجب صارفين جو چوڻ آهي ته انهن کي ايل پي جي سرڪاري طور تي مقرر ڪيل قيمت کان به 200 روپين کان وڌيڪ قيمت تي ملي رهي آهي. هوڏانهن ايل پي جي ڊسٽري بيوٽرز ايسوسيئيشن جي چيئرمين عبدالهادي خان اهڙي صورتحال تي ڳڻتي جو اظهار ڪيو آهي. هن چيو ته مارڪيٽ ۾ سپلائي جي گهٽتائي ۽ ڊسٽري بيوٽرز کي مهانگي اگهه تي ايل پي جي ملڻ وڌيڪ قيمت تي وڪرو ڪرڻ جا بنيادي سبب آهن هن وڌيڪ وضاحت ڪندي چيو ته اوگرا ۽ لاڳاپيل امپورٽرز ايل پي جي وڌيڪ قيمتن تي وڪرو کي روڪڻ ۾ مڪمل طور تي ناڪام ٿي چڪا آهن جنهن سبب بحران وڌي رهيو آهي.

بقايا *** 11

ايم 5 شديد بدانتظامي جو شڪار آهي. سکر، ملتان موٽروي ايم فائيو تي سکر کان رحيم يار خان لڳ ڀڳ 200 ڪلوميٽر جي ايريا مان جديد سرويلينس ۽ اسپيڊ جا ڪيمرا، سولر پليٽون، لائٽون ۽ پولز ڪچي جي ڌاڙيلن چوري ڪري ورتا آهن.ضلعي گهوٽڪي جي علائقي خان جنگل جي چوڌاري وڌيڪ ڳڻتي جوڳي صورتحال جتان کان ڪيمرائون ۽ سولرز جا پول به پٽي ڪنيا ويا پوليس جي سيڪيورٽي چوڪين جون چٽيون به غائب ڪيون ويون آهن.اهڙين چوڪين جو زندگي جا آثار به نظر نه آيا. لائٽون ۽ ريفليڪٽرز به غائب آهن. اهوئي نه انهي سان گڏوگڏ موٽر وي جي سموري سروس ايرياز جون اسٽريٽ لائٽون به بند آهن جڏهن ته تازو ئي لڳايل سولر ريفليڪٽرز به 90 سيڪڙو تائين خراب آهن ڪيمرا چوري يا غير فعال ٿيڻ سبب موٽروي پوليس جو عملو پراڻي طريقي سان اسپيڊ ڪيمرا روڊ تي رکي ڏنڊ لڳائي رهيو آهي.

بقايا *** 12

سڃاڻپ 25 سالن جي معظم جي نالي سان ٿي آهي. معظم فائرنگ ۾ سخت زخمي ٿيو ۽ بعد ۾ اسپتال منتقل ڪرڻ دوران فوت ٿي ويو.واقعي کان پوءِ دولا جي پيءُ ۽ ڀاءُ کي حراست ۾ ورتو ويو فائرنگ ۾ ملوث مکيه جوابدار موقعي تان فرار ٿي ويا ۽ ڳولا جاري آهي. پوليس وڌيڪ چيو ته واقعي جي جاچ جاري آهي. ۽ ذميوارن خلاف سخت ڪارروائي ڪئي ويندي.

بقايا *** 13

ي وڃي رهي هئي. پوليس موجب، حادثو تيز رفتاري سبب پيش آيو.زخمين ۽ لاشن کي اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي.

بقايا *** 14

لزلي جي شدت 6.3 رڪارڊ ڪئي وئي ۽ ان جي کوٽائي 190 ڪلوميٽر هئي. زلزلي جو مرڪز افغانستان جو هندوڪش علائقو هو.ان کان علاوه، افغانستان جي راڄڌاني ڪابل ۾ زلزلي سبب هڪ گهر ڪري پيو. جنهن ۾ 8 ماڻهو مارجي ويا.

بقايا *** 15

خبرن جي ترديد ڪئي آهي. آمريڪا ۽ ايران جي وچ ۾ ثالثي جي جواب ۾، پرڏيهي آفيس جي ترجمان چيو ته اسان بي بنياد ۽ من گهڙت دعوائن کي سختي سان رد ڪريون ٿا، ۽ پرڏيهي وزارت ۾ منعقد ڪيل بريفنگ کي غلط انداز ۾ پيش ڪيو ويو. طاهر اندرابي چيو ته اهڙن مسئلن جو حوالو ڏنو ويو جن تي نه ته بحث ڪيو ويو ۽ نه ئي نشاندهي ڪئي وئي، ۽ علائقائي حساسيت ۽ نازڪ وقتن ۾ ذميواري جو مظاهرو ڪيو وڃي. پرڏيهي آفيس جي ترجمان طاهر اندرابي وڌيڪ چيو ته ميڊيا پليٽ فارمن کي مڪمل تحقيق ڪرڻ گهرجي ۽ قياس آرائين کان پاسو ڪرڻ گهرجي.

بقايا *** 16

ڀٽو کي سندس 47 هين ورسي تي خراج تحسين پيش ڪيو ۽ سندس سياسي ۽ جمهوري خدمتن جي سخت لفظن ۾ تعريف ڪئي. صوبائي وزير پنهنجي خاص پيغام ۾ چيو ته ذوالفقار علي ڀٽو هڪ عقلمند ۽ دور انديشي رکندڙ قومي اڳواڻ هو جنهن نه رڳو پاڪستان کي هڪ متحد آئين ڏنو پر ان کي ايٽمي طاقت به بڻايو ۽ عوام کي سياسي شعور سان روشناس ڪرايو. هن چيو ته شهيد ڀٽو جي جدوجهد صرف اقتدار تائين محدود نه هئي پر عوام جي حقن، جمهوريت جي استحڪام ۽ آئين جي بالادستي لاءِ هڪ مسلسل تحريڪ هئي. رياض شاهه شيرازي چيو ته ملڪ لاءِ ذوالفقار علي ڀٽو شهيد جي قربانين کي ڪڏهن به وساري نه ٿو سگهجي. شهيد ڀٽو عوامي حڪمراني جي تصور کي مضبوط ڪيو ۽ اهو ئي سبب آهي جو سندس خدمتون اڄ به سياسي ڪارڪنن ۽ قيادت لاءِ روشني جو مينار آهن. صوبائي وزير چيو ته 4 اپريل اسان کي جمهوريت، قانون جي حڪمراني ۽ عوامي حقن جي تحفظ لاءِ پنهنجين ذميوارين کي پورو ڪرڻ جي عزم جي تجديد جو موقعو فراهم ڪري ٿو هن زور ڏنو ته آئين جي پاسداري ۽ جمهوري قدرن جي فروغ قومي ترقي ۽ استحڪام لاءِ ناگزير آهن.

بقايا *** 17

معاهدي تحت، سنڌ حڪومت ٽنڊو محمد خان ضلعي ۾ اسڪول آف نرسنگ قائم ڪرڻ لاءِ زمين ۽ مالي وسيلا فراهم ڪندي، جڏهن ته آغا خان يونيورسٽي اسڪول آف نرسنگ کي هلائڻ لاءِ تعليمي ۽ ٽيڪنيڪل مدد فراهم ڪندي. اسڪول آف نرسنگ ۾ داخلا لاءِ عورت اميدوارن کي ترجيح ڏني ويندي، جڏهن ته هر سال 50 اميدوارن کي داخلا ڏني ويندي. تقريب ۾ سنڌ جي صحت واري وزير ڊاڪٽر عذرا فضل پيچوهو، پاڪستان پيپلز پارٽي جي سينئر اڳواڻ ۽ قومي اسيمبلي جي ميمبر سيد نويد قمر، سيڙپڪاري ۽ پبلڪ پرائيويٽ پارٽنرشپ بابت سنڌ جي وڏي وزير جي خاص مددگار سيد قاسم نويد قمر، آغا خان يونيورسٽي اسپتال ڪراچي ۾ اسڪول آف نرسنگ جي ڊين ڊاڪٽر سليمه آر ولاڻي، صحت کاتي جي سيڪريٽري طاهر حسين، ڊپٽي ڪمشنر ٽنڊو محمد خان ڏمرو پواني ۽ سنڌ حڪومت جا ٻيا اعليٰ آفيسر شرڪت ڪئي. ان موقعي تي ڳالهائيندي پاڪستان جي قومي اسيمبلي جي ميمبر سيد نويد قمر چيو ته پاڪستان پيپلز پارٽي جي طاقت جو سرچشمو پاڪستان جي عوام آهي ۽ اهو اسان جي باني قائد ذوالفقار علي ڀٽو شهيد جو نعرو هو هن چيو ته ذوالفقار علي ڀٽو پنهنجي ووٽ جي طاقت سان عام ماڻهو کي صحت، تعليم ۽ باوقار زندگي جون سهولتون فراهم ڪرڻ لاءِ پنهنجي جان قربان ڪئي. قومي اسيمبلي جي ميمبر سيد نويد قمر چيو ته ٽنڊو محمد خان ضلعي ۾ نرسنگ اسڪول جو قيام ماڻهن کي معياري تعليم ۽ صحت جون سهولتون فراهم ڪرڻ جي سلسلي ۾ هڪ بيوڏو قدم آهي. ان موقعي تي، سنڌ جي وڏي وزير جي سيڙپڪاري ۽ پبلڪ پرائيويٽ پارٽنرشپ بابت خاص مددگار سيد قاسم نويد قمر چيو ته اڄ سنڌ حڪومت ٽنڊو محمد خان نرسنگ اسڪول قائم ڪرڻ جي معاهدي تي صحيح ڪري صوبي ۾ نرسنگ جي تعليم لاءِ هڪ اهم سنگ ميل پار ڪيو آهي. سيد قاسم نويد قمر چيو ته سنڌ حڪومت صدر پاڪستان آصف علي زرداري ۽ چيئرمين پاڪستان پيپلزپارٽي بلاول ڀٽو زرداري جي ويزن جي روشني ۾ صوبي جي ماڻهن جي زندگين کي بهتر بڻائڻ لاءِ تيزي سان قدم کڻي رهي آهي. جنهن تحت صوبن جي ڏورانهن علائقن ۾ صحت، تعليم ۽ بهتر زندگي جي موقعن کي وڌائڻ لاءِ منصوبا ٺاهيا پيا وڃن. تقريب ۾، سنڌ حڪومت پاران سنڌ جي صحت واري سيڪريٽري طاهر حسين، جڏهن ته آغا خان يونيورسٽي اسپتال ڪراچي جي ڊين اسڪول آف نرسنگ مس سليمه وياني ۽ ٽنڊو محمد خان ضلعي انتظاميا پاران ڊپٽي ڪمشنر ڏمرو پواني مفاهمت جي ياداشت تي صحيحون ڪيون

بقايا *** 18

سلسلو جاري رکڻ ممڪن ناهي، اسلام آباد ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي مصدق ملڪ چيو ته حڪومت ڪيئي چيلينجز کي منهن ڏئي رهي آهي. جڏهن مهانگو تيل خريد ڪريون ٿا ۽ سستو وڪڻون ٿا ته پئسا ختم ٿي وڃن ٿا. وفاقي وزير چيو ته حڪومت عوام کي رليف فراهم ڪرڻ لاءِ ڪوششون ڪري رهي آهي. گذريل ٽن ڇئن هفتن کان پوري خطي ۾ جنگ جا ڪڪر ڇانيل آهن. پر اسان گذريل حڪومتن جيان ملڪ کي ڊيوالو ٿيڻ نه ڏنو سندس چوڻ هو ته پيٽروليم شين جي اگهن کي مستحڪم رکڻ لاءِ 129 ارب روپين جي سبسڊي ڏني وئي پر اهو سلسلو سدائين لاءِ جاري نٿو رکي سگهجي. سندس چوڻ هو ته وزيراعظم شهباز شريف جو عزم آهي ته رڳو حقدارن کي ٽارگيٽڊ سبسڊي فراهم ڪئي وڃي.هن چيو ته جڏهن تيل گهرائڻ لاءِ ڊالر ئي نه بچندا ته تيل ڪٿان ايندو؟ حڪومت رڪ جي پٽ بڻجي پيٽروليم شين جي اگهن ۽ مهانگائي جي طوفان کي روڪيو آهي. مصدق ملڪ جو چوڻ هو ته موٽر سائيڪل سوارن کي ماهوار 20 ليٽر پيٽرول تائين 100 روپيا في ليٽر سبسڊي ڏني ويندي، ان مقصد لاءِ ترقياتي بجيٽ مان ڪٽوتي ڪئي وئي آهي ۽ وزيرن جي 6 مهينن جي پگهار به رليف لاءِ استعمال ڪئي ويندي. هن وڌيڪ چيو ته عالمي صورتحال کي نظر ۾ رکندي اگهن ۾ واڌ ڪئي وئي آهي، پر غريب عوام کي بچائڻ لاءِ شهرن ۾ بسن جو سفر مفت ڪيو ويو آهي ۽ هاريءَ لاءِ 1500 روپيا في ايڪڙ سبسڊي رکي وئي آهي. جيڪي ماڻهو ڪروڙين روپين جون گاڏيون هلائي رهيا آهن، انهن تي ڪجهه واڌو بار وڌو ويو آهي ته جيئن غريب طبقي کي بچائي سگهجي.

بقايا *** 19

جي ٽرانزٽ سسٽم کي رواني سان هلائڻ کي يقيني بڻائڻ آهي. وزيراعليٰ هائوس ۾ ٿيندڙ اجلاس جنهن ۾ صوبائي وزيرن شرجيل انعام ميمڻ، مڪيش ڪمار چاولا، محمد بخش خان مهر، چيف سيڪريٽري آصف حيدر شاهه، وڏي وزير جو پرنسپل سيڪريٽري آغا واصف، ۽ صوبائي سيڪريٽريز آصف اڪرام، فياض جتوئي (ناڻو)، سليم راجپوت (ايڪسائيز)، اسد ضامن (ٽرانسپورٽ)، سي آءِ اوايس بي ايڇ ايف خالد شيخ ۽ ٻين شرڪت ڪئي.ان ۾ سستي ٽرانسپورٽ ڪرائي کي برقرار رکڻ ۽ صوبي جي ٽرانزٽ نيٽ ورڪ جي آپريشنل استحڪام کي يقيني بڻائڻ تي ڌيان ڏنو ويو وڏي وزير چيو ته هي اقدام تازو عالمي جيوپوليٽيڪل صورتحال جي نتيجي ۾ پيٽرول ۽ ڊيزل جي قيمتن ۾ ٿيندڙ بي مثال واڌ جي اثر کي گهٽائڻ لاءِ تيار ڪيو ويو آهي. ٽارگيٽيڊ رليف حڪمت عملي: وڏي وزير چيو ته گذريل ڪجهه هفتن ۾ بارڊ جي قيمتن ۾ نمايان اضافو ٿيو آهي جنهن سان ڪرائي ۾ واڌ ۽ پبلڪ ٽرانسپورٽ جي استعمال ۾ گهٽتائي جو سنگين خطرو پيدا ٿيو آهي جيڪو خاص طور تي گهٽ آمدني وارن طبقن کي متاثر ڪري رهيو آهي. ان کي روڪڻ لاءِ حڪومت "ٽارگيٽيڊ پيپلز فيول ڊفرنشل سبسڊي" متعارف ڪرائي آهي جيڪا بحران کان اڳ واري ۽ موجوده بارڊ جي قيمتن جي وچ ۾ فرق کي ختم ڪندي. وڏي وزير چيو ته هي پروگرام معاشي استحڪام کي برقرار رکڻ سان گڏ سماج جي سڀ کان وڌيڪ متاثر طبقن کي تحفظ ڏيڻ تي آهي. هن وڌيڪ چيو ته عام سبسڊيز غير موثر ۽ مالي طور تي ناقابل برداشت ثابت ٿيون هيون. ٽرانسپورٽ شعبي لاءِ وڏي مدد: هن پيڪيج تحت ٽرانسپورٽ آپريٽرز کي ان شرط تي وڏي مالي سبسڊي فراهم ڪئي ويندي ته هو ڪرائي ۾ اضافو نه ڪندا: بسون، ميني بسون ۽ ڪوچز: 2,40,000 رپيا في گاڏي ماهوار (وفاقي ۽ صوبائي حصو شامل آهي). ويگنون ۽ پڪ اپ: 50,000 کان 1,00,000 رپيا ماهوار. گڊز ٽرانسپورٽ: ننڍن ٽرڪن لاءِ 70,000 رپيا ۽ وڏن ٽرڪن لاءِ 80,000 رپيا. انٽر شهر ٽرانسپورٽ لاءِ سبسڊي روٽ جي فاصلي جي بنياد تي سليبس ۾ ورهايل آهي جتي ڊگهي فاصلي واري بسون 1.08 ملين رپيا ماهوار تائين سبسڊي جون اهل هونديون ته جيئن پوري صوبي ۾ ڪرائي ۾ استحڪام کي يقيني بڻائي سگهجي. شهرين لاءِ سڌو سنئون رليف: عوامي رليف جي هڪ وڏي قدم طور سنڌ حڪومت اپريل ۾ هر رجسٽرڊ موٽرسائيڪل مالڪ کي 2,000 رپيا نقد رقم فراهم ڪندي. اميد آهي ته ان اقدام مان انهن لکن جي تعداد ۾ مسافرن کي فائدو پهچندو جيڪي روزاني سفر لاءِ موٽرسائيڪل تي ڀاڙين ٿا. ڊجيٽل ۽ شفاف نظام: شفافيت کي يقيني بڻائڻ ۽ غلط استعمال کي روڪڻ لاءِ، سبسڊي هڪ ڊجيٽل، ايپليڪيشن تي ٻڌل سسٽم ذريعي فراهم ڪئي ويندي جيڪا ايڪسائيز ۽ ٽرانسپورٽ کاتي جي ڊيٽابيس سان ڳنڍيل هوندي. هي سسٽم فنڊ سڌو سنئون بينڪ اڪائونٽس ۾ منتقل ڪرڻ کان اڳ گاڏي جي رجسٽريشن، فٽنيس، ۽ مالڪي جي تصديق ڪندو وڏي وزير ايڪسائيز کاتي کي هدايت ڪئي ته ايندڙ 15 ڏينهن تائين آفيسون وڌيڪ وقت تائين کليل رکيون وڃن ته جيئن رجسٽريشن ۾ آساني ٿئي ۽ پروگرام تي بهتر طريقي سان عملدرآمد کي يقيني بڻائي سگهجي. سبسڊي پروگرام جنهن جي لڳ ڀڳ ماهوار لاڳت 1.72 ارب رپيا هوندي، هڪ اهڙي ٽرانسپورٽ نيٽ ورڪ جي مدد ڪندو جيڪو ماهوار تقريباً 57 ملين رپيا مسافرن کي سهولت فراهم ڪري ٿو جنهن سان ڪرائي ۾ استحڪام ايندو ۽ نجي گاڏين جي استعمال ڏانهن وڌندڙ لاڙي جي حوصلا شڪني ٿيندي. پنهنجي حڪومت جي عزم کي ورجائيندي مراد علي شاهه چيو ته اسان يقيني بڻائينداسين ته رليف شفاف ۽ وقتائتي نموني ماڻهن تائين پهچي. هي ٽارگيٽيڊ طريقو انهن ڏکين حالتن ۾ مسافرن ۽ ٽرانسپورٽ شعبي ٻنهي جي حفاظت ڪندو.

بقايا *** 20

ڪندي چيو آهي ته "تابڪاري مواد خارج ٿيو ته اهو تهران تائين محدود نه رهندو پر خليجي تعاون ڪائونسل جي گاديءَ وارن شهرن ۾ به زندگي جو خاتمو آڻي سگهي ٿو."ايڪس تي جاري ڪيل بيان ۾ هن چيو ته "يوڪرين ۾ زاپوروجيا جوهري پاور پلانٽ جي ويجهو چڪرين تي اولهه جي ڪاوڙ ياد ڪريو؟ اسرائيل ۽ آمريڪا اسان جي بوشهر جي جوهري ٽاڪ تي هن وقت تائين چار ڀيرا بمباري ڪري چڪا آهن."پنهنجي بيان ۾ هن خبردار ڪندي چيو ته "تابڪاري مواد خارج ٿيو ته تهران سان گڏ نار ملڪن جي گاديءَ وارن شهرن کي به متاثر ڪندو. جڏهن ته اسان جي پيٽروڪيميڪل پلانٽ تي حملا به اصل مقصدن کي ظاهر ڪن ٿا."واضح رهي ته آمريڪا ۽ اسرائيل اڃا تائين ان حملي ۾ پنهنجي ملوث هجڻ جي تصديق ناهي ڪئي.

بقايا *** 21

وبيل امن انعام يافته ملالا يوسفزئي کي پنهنجو ايجنٽ قرار ڏئي ڇڏيو شهزاد راءِ ملالا يوسفزئي سان مختلف موضوعن تي ڳالهه ٻولهه ڪئي ۽ مزاحيه انداز ۾ ڪيس پنهنجو پسنديدا ايجنٽ قرار ڏنو ڳالهه ٻولهه دوران هن غزا ۾ جاري صورتحال تي ملالا جي شروعاتي ماٺ تي به سوال ڪيو، جنهن جي جواب ۾ ملالا چيو ته "مٿس خاموش رهڻ جو الزام درست ناهي چو ته هن اسرائيلي ڪارروائين خلاف سماجي رابطن جي ويب سائيٽ تي بيان ڏنو هو ۽ هڪ اهم تقريب ۾ خاص نشان به لڳايو هو ته جيئن ان مسئلي ڏانهن ڌيان ڇڪائي سگهجي."سندس چوڻ هو ته هن ايراني اسڪول تي حملي ۾ شهيد ٿيندڙ ٻارڙين جي حق ۾ به آواز اٿاريو، پر ماڻهو حقيقتون ڄاڻڻ کان سواءِ تنقيد ڪندا آهن.

بقايا *** 22

شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي سياسي خدمتن کي خراج تحسين پيش ڪندي چيو آهي ته هن آئين جي تياري ۽ منظوري ۾ لاپائيتو ڪردار ادا ڪيو ۽ جمهوريت ۾ عوام جي حڪمراني ۽ عوام جي بنيادي مسئلن جي حل لاءِ قيمتي ڪوششون ڪيون. وزيراعظم آفيس جي ميڊيا ونگ پاران جاري ڪيل بيان موجب، ذوالفقار علي ڀٽو جي شهادت جي ڏهاڙي تي، وزيراعظم پنهنجي پيغام ۾ چيو ته ذوالفقار علي ڀٽو کي سندس قومي، سياسي ۽ آئيني خدمتن تي خراج تحسين پيش ڪريون ٿا. ذوالفقار علي ڀٽو وزيراعظم جي حيثيت سان ملڪ جي ترقي ۽ خوشحالي ۽ مضبوط دفاع جي ڏس ۾ سچي دل سان قيمتي خدمتون سرانجام ڏنيون. ذوالفقار علي ڀٽو 1973ع جي پاڪستان جي آئين جي تياري ۽ منظوري ۾ لاپائيتو ڪردار ادا ڪيو. جنهن جو پارلياماني نظام کي مضبوط ڪرڻ ۽ جمهوريت کي فروغ ڏيڻ ۾ اهم حيثيت حاصل آهي. وزيراعظم چيو ته ذوالفقار علي ڀٽو جمهوريت ۾ عوام جي حڪمراني ۽ عوام جي بنيادي مسئلن جي حل لاءِ قيمتي ڪوششون ڪيون. وزيراعظم جي حيثيت سان، ذوالفقار علي ڀٽو عالمي افق تي پاڪستان جي نمائندگي به ڪئي. هن شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي درجن جي بلندي لاءِ دعا ڪندي چيو ته سندس سياسي خدمتون سدائين ياد رکيون وينديون.

بقايا *** 23

طرفان مسيحي برادري لاءِ ٻن ڏينهن جي موڪلن جو اعلان ڪيو ويو آهي. جنهن تحت 5 ۽ 6 اپريل تي مسيحي ملازمن لاءِ سرڪاري آفيسن ۾ موڪل هوندي. خودمختيار ڪارپوريشنز ۽ بلدياتي ڪائونسلن ۾ به مسيحي ملازمن لاءِ ايسٽر جون موڪلون هونديون.

بقايا *** 24

رڏيهي پاليسي ۽ عام ماڻهوءَ کي بااختيار بڻائڻ جو عزم اڄ به پاڪستان جي رخ جو تعين ڪري رهيو آهي. آرٽس ڪائونسل آف پاڪستان پاران منعقد ڪيل ڪانفرنس کي خطاب ڪندي وڏي وزير چيو ته شهيد ڀٽو اسٽريٽجڪ خودمختياري تي ٻڌل پرڏيهي پاليسي جو بنياد وڌو ۽ پاڪستان کي ڪنهن به عالمي بلاڪ سان جوڙڻ کان انڪار ڪيو هن چيو ته ذوالفقار علي ڀٽو هڪ آزاد پرڏيهي پاليسي تي يقين رکندو هو جيڪا پاڪستان جي قومي مفادن جي تحفظ ڪري. هن طاقت جي پيٽ ۾ اصولن کي چونڊيو ۽ ملڪ جي خاطر عهدي تان استعيفيٰ ڏني. اسٽريٽجڪ خودمختياري ۽ گلوبل سائوٿ جو نظريو: مراد شاهه چيو ته ڀٽو انهن ٿورن عالمي اڳواڻن مان هو جن چين جي اسٽريٽجڪ اهميت کي تسليم ڪيو ۽ 1966ع ۾ ئي پاڪ-چين دوستي جو بنياد وڌو هن وڌيڪ چيو ته اڄ اسان سي پيڪ (CPEC) جي ڳالهه ڪريون ٿا پر مسٽر ڀٽو ڏهاڪا اڳ هن شراڪت جو تصور ڪيو هو. اڄ پاڪ-چين لاڳاپن جي مضبوطي سندس بصيرت ۾ جڙيل آهي. وڏي وزير ياد ڏياريو ته ذوالفقار علي ڀٽو 1974ع جي اسلامي سربراهي ڪانفرنس دوران مسلم دنيا کي متحد ڪرڻ ۾ تاريخي ڪردار ادا ڪيو ۽ فلسطين جي مقصد کي هڪ مضبوط آواز ڏنو.

بقايا *** 25

باني ذوالفقار علي ڀٽو جي 47 هين ورسي اڄ ملهائي پئي وڃي. ڪفايت شعاري جي پاليسي جي ڪري، ڳڙهي خدا بخش ۾ ڪو به عوامي اجلاس نه ٿيندو. جڏهن ته ضلعي هيڊ ڪوارٽرن تي دعائيه تقريبون منعقد ڪيون. ذوالفقار علي ڀٽو جنهن پياري ملڪ کي پهريون متحد آئين ڏنو 1928 ۾ لاڙڪاڻي ۾ پيدا ٿيو. يونيورسٽي آف سدرن ڪيليفورنيا ۽ آڪسفورڊ تي صدارتي ريفرنس تي ذوالفقار علي ڀٽو کي بيگناهه قرار ڏنو ۽ 23 مارچ 2025 تي کيس نشان پاڪستان سان نوازيو ويو. جيڪو سندس ڌيءَ صنم ڀٽو وصول ڪيو 4 اپريل 1979 تي، ذوالفقار علي ڀٽو کي عدالت جي حڪم تي ڦاسي ڏني وئي، جنهن عوامي سياست کي ڌرهم برهم ڪري ڇڏيو. ڪفايت شعاري جي پاليسي تحت عوامي گڏجاڻيون نه ٿي رهيون آهن، جڏهن ته، ملڪ جي ضلعي هيڊ ڪوارٽرن ۾ دعا جون تقريبون منعقد ڪيون پيون وڃن. چيئرمين بلاول ڀٽو لاڙڪاڻي ۾ قرآن خواني ۾ شرڪت ڪندو جڏهن ته آصف ڀٽو بلاول هائوس، ڪراچي ۾ قرآن خواني ۾ شرڪت ڪندي.

بقايا *** 26

ٿيو ته صرف شادي هال ۽ ريسٽورينٽس 10 وڳي تائين کليل رهندا. پيٽروليم واري وزير چيو ته ناڻي وارو وزير ايندڙ هفتي آءِ ايم ايف ۽ ورلڊ بئنڪ سان گڏجاڻي جي لاءِ پرڏيهه وڃي رهيو آهي. ناڻي وارو وزير اهڙن ادارن کي ٻڌائيندو ته ڪيترو وڏو معاشي نقصان ٿي رهيو آهي، اسان کي سموري معاشي فريم ورڪ جو به جائزو وٺڻو پوندو هن چيو ته متحده عرب امارات مشڪل وقت ۾ 3.5 ارب ڊالرز جا ڊپازٽ پاڪستان ۾ رکرايا هئا جيڪڏهن ڪوبه پنهنجا پئسا واپس گهري ٿو ته انهي جا سمورا انتظام ڪيل آهن. هن وڌيڪ چيو ته قطر کان گيس جي سپلاءِ بند ٿيڻ کان پوءِ مقامي فيلڊز مان فوري طور تي 400 کان 500 ايم ايم سي ايف ڊي جي فراهمي شروع ڪئي وئي آهي.

بقايا *** 27

سيني کان اڳيان هوندو پنهنجي هڪ بيان ۾ پنجاب جي صوبائي اطلاعات واري وزير چيو ته وزيراعليٰ مريم نواز عوام کي رليف ڏئي دلي سڪون محسوس ڪندي آهي هن پنجاب جي عوام کي ڪڏهن به اڪيلو ناهي ڇڏيو پر هر مشڪل ۾ انهي سان گڏ بيٺل رهي آهي. عظميٰ بخاري چيو ته مريم نواز سموري پنجاب ۾ پبلڪ ٽرانسپورٽ مڪمل طور تي فري ڪري عوام جا دل کٽي ورتا آهن. جنگ جي صورتحال برقرار رهڻ تائين شهري پبلڪ ٽرانسپورٽ ۾ بالڪل مفت سفر ڪندا هن وڌيڪ چيو ته مريم نواز هارين کي اوليت ڏيندي آهي ٻن سالن جي دوران هارين جي لاءِ تاريخي قدم کنيا ويا جڏهن ته پنجاب جو هاري سموري پاڪستان کي زرعي ٻج فراهم ڪندو آهي. هن تنقيد ڪندي چيو ته سوشل ميڊيا تي عوام جون سيني کان وڌيون خير خواهه هجڻ جون دعوائون ڪندڙ صوبائي حڪومتون ۽ انهن جون پارٽيون خاموش بيٺيل آهن. پنجاب جي اطلاعات واري وزير چيو ته وزيراعظم شهباز شريف پيٽرول جي قيمت ۾ 80 روپيه وڌيڪ گهٽ ڪري ڇڏيا آهن هن عوام تي بار وجهڻ جي بجاءِ پنهنجي ڪابينه جي پگهارن ۾ ڪٽوتي ڪئي. عظميٰ بخاري موجب ڪفايت شعاري مهم مان حاصل ٿيندڙ رقم جا فائدا عام ماڻهو تائين پهچايا پيا وڃن.

بقايا *** 28

غير مطمئن آهن. جڏهن ته حڪومتي اعلان جي باوجود موٽر سائيڪلن وارا اڃان تائين وڌيڪ رعايت ملڻ جي اوسيئڙي ۾ آهن. رپورٽ موجب وزيراعظم شهباز شريف طرفان پيٽرول جي قيمت ۾ گذريل رات گهٽتائي جي اعلان تي مڪمل طور تي عمل شروع ٿي ويو آهي.وفاقي حڪومت پيٽرول 458 روپين مان گهٽ ڪري 378 روپيه في ليٽر مقرر ڪري ڇڏيو آهي جنهن کان پوءِ پيٽرول پمپس تي نئين قيمتن ۾ پيٽرول وڪرو ڪيو پيو وڃي. ٻئي طرف سموري ملڪ ۾ احتجاج کان پوءِ پيٽرول 80 روپيه سستو ٿيڻ تي شهرين انهي گهٽتائي کي رد ڪري ڇڏيو آهي. شهرين جو چوڻ آهي ته پيٽرول جون قيمتون اڃان به عوام ۽ پگهاردارن جي وس کان ٻاهر آهن.

بقايا *** 29

ايئرپورٽ تي ملتوي ڪيون ويون. ذريعن موجب اڄ ملڪ جون 5 عالمي ايئرپورٽون وچ اوڀر جي مختلف شهرن جي لاءِ ٻنهي طرفن کان 64 اڏامون ملتوي ٿيون جن ۾ پاڪستان انٽرنيشنل ايئرلائنز، ايئربليو، ايئرعربيه، ايران اينر ۽ قطر اينرويز سميت ٻيون ايئرلائنز شامل آهن.تفصيل موجب ڪراچي ايئرپورٽ کان ابوظهبي، ڪويت، جده، دمام، شارجه، مدينه، مسقط، رياض، نجف، بحرين ۽ دبئي جي لاءِ 20 ٻطرفين اڏامون ملتوي ٿيون. اسلام آباد ايئرپورٽ تان به 20 اڏامون متاثر ٿيون جن ۾ شارجه، ابوظهبي، دبئي، بحرين، رياض، دمام ۽ دوحه جون اڏامون شامل آهن.لاهور ايئرپورٽ تي ابوظهبي ۽ دبئي سيڪٽر جون 6 اڏامون ملتوي ڪيون ويون جڏهن ته پشاور ايئرپورٽ کان دبئي، دوحه، شارجه ۽ ابوظهبي جي لاءِ 6 اڏامون متاثر ٿيون. اهڙي طرح ملتان ايئرپورٽ کان دبئي جي لاءِ 2 اڏامون ملتوي ڪيون ويون. گذريل 35 ڏينهن جي دوران پاڪستان کان وچ اوڀر ڏانهن ويندڙ اڏامن جو گڏيل تعداد 2706 تائين پهچي چڪو آهي.

بقايا عوامي سوچ 01

، جنهن ۾ سوين شهرين، دوڪاندارن ۽ سماجي اڳواڻن ڀرپور شرڪت ڪئي ريلي جي اڳواڻي زاهد حسين پنهور، صوفي خالد چنه، سرائي ڪامريڊ ظفر، ڪامريڊ عظمت ملاح ۽ ڪامريڊ فاروق سولنگي ڪري رهيا هئا مظاهرين حڪومت خلاف سخت نعريبازي ڪئي ۽ مهانگائي خلاف پنهنجو احتجاج رڪارڊ ڪرايو ان موقعي تي اڳواڻن خطاب ڪندي چيو ته موجوده حڪومت جي پاليسين سبب عوام سخت پريشانين ڪي منهن ڏئي رهيو آهي ۽ مهانگائي ماڻهن کي اذيت ۾ مبتلا ڪري ڇڏيو آهي هنن چيو ته پيٽروليم شين جي اگهن ۾ تازو واڌ کان پوءِ روزمره جي استعمال واريون شيون راتورات مهانگيون ٿي ويون آهن، جيڪي هاڻي غريب عوام جي پهچ کان ٻاهر ٿي چڪيون آهن هنن وڌيڪ چيو ته زرعي شعبي تي به منفي اثر پئجي رهيو آهي، جتي ياڻ، دوائن ۽ زرعي مشينري جا اگهه وڌڻ سبب آبادگار سخت متاثر ٿي رهيا آهن، جنهن ڪري زراعت تباهي طرف وڃي رهي آهي مظاهرين حڪومت کان مطالبو ڪيو ته پيٽروليم شين جي اگهن ۾ ڪيل واڌ کي فوري طور واپس ورتو وڃي، ٻي صورت ۾ احتجاج جو دائرو سڄي ملڪ ۾ وڌيڪ وڌايو ويندو

بقايا عوامي سوچ 02

جي اڳواڻي عطاءالله بگٽي، خان محمد بگٽي، نواب خان بگٽي ۽ محمد رمضان بگٽي ڪئي، جڏهن ته بگٽي برادري جي سوين نوجوانن شرڪت ڪئي. مظاهرين هٿن ۾ پلي ڪارڊ کڻي انصاف لاءِ نعرا هڻندا رهيا ۽ اول پريس ڪلب جي صحافين سان ڳالهائيندي عطاءالله بگٽي چيو ته هڪ سال اڳ سندس والد مير عبدالستار بگٽي کي ملير جي علائقي گگر فاٽڪ تي جوابدارن وشين بگٽي، غلام رسول بگٽي، حاڪم بگٽي ۽ واحد بگٽي بنا ڪنهن جواز جي گوليون هڻي بيگناهه قتل ڪيو هو وڌيڪ چيو ته واقعي کي هڪ سال گذرڻ باوجود به جوابدار گرفتار نه ٿيا آهن، جڏهن ته پوليس پاران ڪا به اثرائتي ڪارروائي نه ڪئي وئي آهي. سنڌس چوڻ هو ته جوابدار اڃا تائين کلي عام گهمي رهيا آهن ۽ کين ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن ته جيڪڏهن ڪيس تان هٿ نه کنيو ويو ته سنڌن انجام به ساڳيو ٿيندو. مظاهري ۾ شريڪ ماڻهن حڪومت ۽ پوليس کان گهر ڪئي ته فوري طور تي جوابدارن کي گرفتار ڪري کين انصاف فراهم ڪيو وڃي، ٻي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو. مظاهرين خبردار ڪيو ته جيڪڏهن سنڌن مطالبا نه مڃيا ويا ته هو ڪراچي پريس ڪلب تي احتجاجي ڪيمپ هڻي ويهي رهندا ۽ سخت قدم کڻڻ تي مجبور ٿيندا.

بقايا عوامي سوچ 03

8 جوابدار شاهزيب خان عرف انڌا ولد محمد شر، حاضر احمد عرف پٽ رمضان، غمائي ولد لغيو، عصمت الله عرف متو ولد عمر، ذيشان ولد رحيم صديق، زلمي پٽ لجپر، فضل الرحمان عرف ماني ولد فضل ڪريم ۽ موسيٰ پٽ جليل کي گرفتار ڪيو ويو. 2 30 بور پستول (بغير لائسنس جي)، گرفتار جوابدار جي قبضي مان هڪ موبائل فون، 1 ٽيبليٽ ۽ نقد رقم هٿ ڪئي وئي گرفتار جوابدار ڪراچي نادرن باءِ پاس، ڪي ڊي اي لنڪ روڊ، گلشن معمار ۽ ڀرپاسي وارن علائقن ۾ ڦرلٽ ۽ اسٽريٽ ڪرائم جي ڪيترن ئي واقعن ۾ ملوث آهن. گرفتار جوابدارن سان گڏ هٿيار ۽ هٿ ڪيل سامان وڌيڪ قانوني ڪارروائي لاءِ پوليس حوالي ڪيو ويو آهي

بقايا عوامي سوچ 04

و مطالبو ڪيو ويو. مڪلي جي غلام الله چوڪ کان مڪلي پريس ڪلب ٺٽو تائين نوجوانن ۽ منڙي سنگت جي اڳواڻن پاران پيٽروليم جي اگهن ۾ اوچتي واڌ ۽ مهنگائي خلاف احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو. منڙي سنگت جي اڳواڻن ۽ نوجوانن پاران غلام الله چوڪ کان منڙي سنگت ٺٽو جي صدر نديم سولنگي دلشاد واريو شيراز واريو مڪيش ديو ٺاڪر، ملهار خشڪ، عمران جاڪرو معيز ميمڻ، فرهاد ميمڻ، دلشاد واريو ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاجي ريلي ڪڍي نعريبازي ڪئي وئي. مڪلي پريس ڪلب ٺٽو اڳيان احتجاجي مظاهري کي خطاب ڪندي اڳواڻن چيو ته رات وچ ۾ پيٽروليم جا اگهه بار بار وڌائي عوام جو معاشي استحصال ڪيو پيو وڃي جنهن سان نه رڳو ٽرانسپورٽرن ڀاڙن جا اگهه وڌائي ڇڏيا آهن پر عام واهپي جي شين سميت سموريون شيون مهانگيون ٿيڻ لڳيون آهن ۽ زراعت کي ڪاپاري ڌڪ رسي رهيو آهي. هنن مطالبو ڪيو ته فوري طور تي مهنگائي تي ڪنٽرول ڪيو وڃي ۽ پيٽروليم جا اگهه گهٽائي عوام کي خصوصي سبسڊي ڏني وڃي

بقايا عوامي سوچ 05

بچاءَ جي ٽڪن لڳائڻ واري مهم جو افتتاح ضلعي ڪائونسل ٺٽي جي چيئرمين پ پ پ ضلعي ٺٽي جي سينيئر نائب عبدالحميد پنهور پاران يوسي ڏوماٽي جي ڳوٺ نانگڻ ۾ جانورن جي پالنا کاتي ٺٽي جي ڊپٽي ڊائريڪٽر ڊاڪٽر فياض وڳڻ، ڊاڪٽر شاهد آرائين ۽ پيرا اسٽاف سنڌ جي جنرل سيڪريٽري غلام مهدي ويسر، يوسي چيئرمين غلام نبي شيخ، الهبخش پنهور، سردار لطيف پنهور سان گڏ کاتي جي ڊاڪٽرن ۽ پيرا اسٽاف جي موجودگي ۾ ڪري چوپائي مال کي ويڪسين توڙي ٽڪا جانور جي پالنا کاتي ٺٽي جي ڊاڪٽرن ۽ اسٽاف پاران لڳايا ويا، جيئن چوپايو مال مختلف وچرنڊڙ بيمارين کان محفوظ رهي سگهي، ان موقعي تي ضلعي ڪائونسل ٺٽي جي چيئرمين عبدالحميد پنهور چيو ته سنڌ حڪومت جي سنڌ لائيو اسٽاڪ اينڊ فشريز کاتي سنڌ جي صوبائي وزير محمد علي خان ملڪاڻي پاران پوري سنڌ اندر چوپائي مال کي مختلف وچرنڊڙ بيمارين کان اڳوات بچاءَ خاطر جيڪا پوري سنڌ جيان ضلعي ٺٽي اندر پهرين اپريل کان چوپائي مال ۾ مفت ڀري مون سون رين فلڊ ڪارپيٽ ويڪسينيشن سان گڏ چوپائي مال ۾ گل گهوٽو، ٽڙي پليٽ، ڦڦڙي، انڊي ماتا، پٽي واري بيمارين کان بچاءَ جا حفاظتي ٽڪا لڳائڻ واري مهم جو آغاز ڪيو آهي، اهو بهتر عمل آهي، هن مفت ويڪسين توڙي ٽڪا لڳائڻ واري مهم سبب چوپايو مال بيمارين کان محفوظ رهي سگهندو، هن پاڳيئين کي صلاح ڏني ته هو جانورن جي پالنا کاتي جي آفيسرن، عملي سان گڏ ٽيمن سان مڪمل سهڪار ڪن، جيئن سنڌن جانورن کي ويڪسين ڪري مختلف بيمارين کان بچاءَ جا ٽڪا لڳرايا وڃن، جيئن سنڌن چوپايو مال بيمارين کان محفوظ رهي سگهي. هن چيو ته پ پ پ جي سنڌ حڪومت عوامي مسئلا حل ڪري عوام کي روزگار سميت بنيادي سهولتون فراهم ڪرڻ ۾ رڌل آهي، ان موقعي تي جانورن جي پالنا کاتي جي ڊپٽي ڊائريڪٽر ڊاڪٽر فياض وڳڻ ضلعي ڪائونسل ٺٽي جي چيئرمين عبدالحميد پنهور جو ٿورو مڃيندي چيو ته صوبائي وزير محمد علي ملڪاڻي جي خاص هدايتن تي چوپائي مال کي مفت ويڪسينيشن توڙي ٽڪا لڳائڻ واري مهم پهرين اپريل کان جاري آهي، جنهن ۾ ضلعي ٺٽي اندر 15 ٽيمون جوڙي هر يوسي جي هر ڳوٺ ۾ وڃي چوپائي مال کي ويڪسين ڪري بيمارين کان بچاءَ جا ٽڪا لڳرائڻ وارو عمل تيزي سان جاري آهي. شروع ڪري ڇڏيو آهي، ڊاڪٽر فياض وڳڻ پاڳيئين کي صلاح ڏني اهي ته هو اسانجي ٽيمن سان لهه وچڙ ۾ اچي پنهنجي چوپائي مال جي ويڪسين توڙي کين مختلف وچرنڊڙ بيمارين کان بچاءَ خاطر اڳواڻ حفاظتي ٽڪا لڳرائي جانورن کي هر بيماري کان محفوظ رکن.

بقايا عوامي سوچ 06

ي ملڪ سميت ضلعي بدين ۾ به انتهائي عقيدت ۽ احترام سان ملهائي وئي قائد عوام شهيد ذوالفقار علي ڀٽو کي خراج عقيدت پيش ڪرڻ لاءِ چيئرمين پاڪستان پيپلزپارٽي بلاول ڀٽو زرداري ۽ ڪو چيئرمين آصف علي زرداري جي هدايتن تي سمورن ضلعن ۾ ورسي جون تقريبون منعقد ڪيون ويون بدين ۾ ضلعي صدر پاڪستان پيپلز پارٽي ۽ چيئرمين ضلع ڪائونسل جام علي اصغر هاليپوٽو جي هدايتن تي مرڪزي تقريب بدين جي مڪ هال ۾ منعقد ڪئي وئي جتي قرآن خواني جو اهتمام ڪيو ويو ۽ شهيد ڀٽو کي ڀرپور ڀيٽا پيش ڪئي وئي ان سان گڏ ملڪ جي سلامتي، ترقي ۽ خوشحالي لاءِ خاص دعائون گهريون ويون تقريب ۾ سياسي، سماجي اڳواڻن، پارٽي ڪارڪنن ۽ شهرين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي تقريب کي خطاب ڪندي صوبائي وزير براءِ يونيورسٽيز و بورڊ محمد اسماعيل راهو، ايم اين اي حاجي رسول بخش چانڊيو، ايم اين اي مير غلام علي ٽالپر، وزير اعليٰ سنڌ جو ترجمان عبدالواحد هاليپوٽو، جنرل سيڪريٽري ڊاڪٽر سجاد علي چانڊيو، صدر پيپلزپارٽي تعلقو بدين ايم پي اي حاجي تاج محمد ملاح، ايم پي اي تلهار مير الله بخش ٽالپر، ايم پي اي ٽنڊو باگو ارباب امير امان الله، ايم پي اي ماتلي ڪوآرڊينيٽر محمد صالح هاليپوٽو، ايم پي اي بي بي ياسمين شاهه، وائس چيئرمين ضلع ڪائونسل فدا حسين منڊرو، صدر يوٿ ونگ خان صاحب جمالي، جنرل سيڪريٽري ليڊيز ونگ ساجده ٽالپر، ڊپٽي اطلاعات سيڪريٽري حاجي مير ملاح، ڊاڪٽر دودو مهيري، عبدالغفور نظاماڻي، تعلقن جي سمورن صدرن ۽ ٻين خطاب ڪندي چيو ته شهيد ذوالفقار علي ڀٽو هڪ عظيم مدبر، بهادر اڳواڻ ۽ عوامي سياستدان هو، جنهن ملڪ کي آئين ڏنو ۽ عوام کي پنهنجن حقن لاءِ آواز اٿارڻ جو حوصلو ڏنو هنن چيو ته شهيد ڀٽو 5 جنوري 1928ع تي لاڙڪاڻي ۾ جنم ورتو ۽ پنهنجي سياسي زندگي دوران پاڪستان کي هڪ مضبوط آئين (1973ع جو آئين) ڏنو، ايٽمي پروگرام جو بنياد وڌو ۽ مزدورن، هارين ۽ غريب طبقي لاءِ اهم قدم کنيا. سنڌس "روٽي، ڪپڙا ۽ مڪان" جو نعرو اڄ به عوام جي دلين ۾ زنده آهي هنن چيو ته 4 اپريل 1979ع تي شهيد ذوالفقار علي ڀٽو کي ڦاسي ڏئي شهيد ڪيو ويو، پر سنڌس نظريو ۽ جدوجهد اڄ به زنده آهي ۽ هميشه زنده رهندو هنن چيو ته شهيد ذوالفقار علي ڀٽو پاڪستان جي خودمختياري ۽ دفاع کي ناقابل تسخير بڻائڻ لاءِ تاريخي فيصلا ڪيا. هن ملڪ جي ايٽمي پروگرام جو بنياد رکندي اهو عزم ظاهر ڪيو هو ته "اسان گاهه کائي به ايٽم بم ٺاهينداسين، پر پنهنجي ملڪ جي دفاع تي ڪو به سودو نه ڪنداسين" هن جملي سنڌس قومي غيرت، خودداري ۽ مضبوط ارادي جي عڪاسي ڪئي، جيڪو اڄ به پاڪستان جي دفاعي پاليسي لاءِ مشعل راهه آهي هنن چيو ته شهيد ڀٽو عالمي سطح تي به پاڪستان جو ڪيس وڏي جرئت سان وڙهيو. خاص طور تي اقوام متحده ۾ سنڌس تاريخي ۽ جذباتي تقرير کي اڄ به ياد ڪيو وڃي ٿو، جتي هن عالمي قوتن جي دٻاءَ کي للڪاريندي چيو هو ته پاڪستان ڪنهن به ناانصافي کي قبول نه ڪندو سنڌس تقرير ۾ قومي جذبو، جوش، ولولي سبب هو عالمي ضمير کي جهنجهوڙڻ ۾ ڪامياب ويو هنن چيو ته شهيد ڀٽو نه رڳو هڪ عظيم سياستدان هو پر هڪ بهادر سفارتڪار پڻ هو، جنهن هر محاذ تي پاڪستان جي وقار کي بلند رکيو. سنڌس جدوجهد، قربانيون ۽ عوام دوست پاليسيون هميشه ياد رکيون وينديون ۽ نئين نسل لاءِ مشعل راهه بڻيل رهنديون ورسي تقريب ۾ صدر ليڊيز ونگ ايم پي اي تنزيلا ام حبيبه قمبراڻي، اطلاعات سيڪريٽري پير وقار علي شاهه، چيئرمين ميونسپل ڪميٽي بدين پير محمد صالح قريشي، قبول محمد ڪٽياڻ، صدر تعلقو تلهار نياز لاشاري، صدر تعلقو ماتلي گل محمد سريوال، صدر تعلقو ٽنڊوباگو مير ڪاشف ٽالپر، تعلقا جنرل سيڪريٽري گولارچي عرفان گجر، فاضل راهو جونيئر، رئيس عاشق علي گوپانگ، تعلقا نائب صدر سپاف معاذ سمون، جنرل سيڪريٽري چيمبر آف ايگريڪلچر وفا لطيف جوکيو، حاجي محمد سمون، وائس چيئرمين ميونسپل ڪميٽي بدين علي اڪبر ميمڻ، رضيه ملاح، حاجياڻي ڪوسو، امينا ملاح، غلام رسول سومرو ۽ ٻين پارٽي ڪارڪنن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي.

بقايا عوامي سوچ 07

گڏ ڪيا ويندا، جيئن ٿليسميا جي مريضن کي بروقت ۽ بنا رڪاوٽ رت جي فراهمي کي يقيني بڻائي سگهجي ڊپٽي ڪمشنر سرمد علي ڀاڳت پنهنجي بيان ۾ چيو آهي ته عوام جو تعاون قيمتي انساني جانين کي بچائڻ ۾ نهايت اهم ڪردار ادا ڪري ٿو، تنهن ڪري شهري هن نيڪ مقصد ۾ وڌ کان وڌ حصو وٺن ۽ ضرورت مند مريضن جي زندگيون بچائڻ ۾ پنهنجو ڀرپور ڪردار ادا ڪن

بقايا عوامي سوچ 08

جي 47هين ورسي تقريب ضامن هائوس گهوڙاباري تي عقيدت و احترام سان ملهائي وئي ورسي تقريب ۾ پي پي ضلعي صدر صادق علي ميمڻ، پي پي نوجوان اڳواڻ عاشق حسين زرداري، پر پي ضلعي جنرل سيڪريٽري امتياز احمد قريشي، چيئرمين ضلع ڪائونسل ٺٽو عبدالحميد پنهور خصوصي شرڪت ڪئي ورسي تقريب ۾ پيپلزپارٽي عهديدارن بلدياتي نمائندن، معززين، پارٽي ورڪرن وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي

بقايا عوامي سوچ 09

تائين احتجاجي ريلي ڪڍي ڌرڻو هنيو ويو جنهن ۾ مختلف قوم پرست پارٽين جي اڳواڻن، سياسي سماجي صحافين وڪيلن توڙي عوام وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي احتجاج ۾ ايس يو پي جي شاهد رند، ارباب گروپ جي ارباب احسان، ايس ٽي پي جي گهنشام مالهي قومي عوامي تحريڪ جي اڳواڻ شاهنواز هنگورجو، بي آءِ ايف اڳواڻ سريش پيل ڊسٽرڪٽ بار جي صدر قيمت راءِ مينگهواڙ، ترسجاڳ سٽ جي اڳواڻ الماس نهڙيو، جي يو آءِ اڳواڻ اسلم ساند سماجي اڳواڻ محمد خان لنڊ ۽ ٻين اڳواڻن خطاب ڪندي چيو آهي ته ملڪ ۾ وڌايل تيل جي هٽرادو اگهن کي گهٽائي غريب عوام کي جيئڻ جو حق ڏنو وڃي هنن چيو ته ملڪ ۾ وڌايل هٽرادو تيل جي قيمتن کي گهٽايو وڃي هي جيڪا جنگي صورتحال جو جواز ڄاڻائي ملڪ هٽرادو تيل جا اگهه وڌايا ويا آهن ان سان ملڪ ۾ هڪڙو مهنگائي جو طوفان ايندو جنهن سان غريب عوام جو جيئڻ جنجال ٿي ويندو ان لاءِ مطالبو ڪجي ٿو ته فوري طور تي تيل جي وڌايل اگهن ۾ گهٽتائي ڪئي وڃي اگر تيل جي قيمتن کي نه گهٽايو ويو ته اسانجو احتجاج تيستائين جاري رهندو جيستائين تيل جي قيمتن نه گهٽايو ويندو. ان موقعي تي ماما وشن ٽري، اوپايو جوٽيجو ۽ ٻيا پڻ موجود هئا

بقايا عوامي سوچ 10

هين سالگرهه جو ڪيڪ تاريخي ماڳ موهن جو دڙو جي ريسٽ هائوس ۾ ڪاٽيو ويو، جنهن ۾ وڏي انگ ۾ صحافين، سول سوسائٽي جي نمائندن ۽ شهرين شرڪت ڪئي. سالگرهه تقريب دوران صحافي دوستن ۽ شهرين پاران جي ايم جهتيال کي سنڌ جي ثقافت اجرڪ ۽ ٽوپي پارائي گلن جا تحفا ڏنا ۽ سنڌس وڏي ڄمار لاءِ دعائون گهريون ويون. ان موقعي تي جي ايم جهتيال تقريب ۾ شرڪت ڪندڙ دوستن جا ٿورا مڃيندي چيو ته هو سڀني دوستن جو نهايت شڪرگذار آهي، جن پنهنجي مصروف وقت مان پل ڪڍي ساڻس گڏ سالگرهه جو ڪيڪ ڪاٽيو ۽ سنڌس لاءِ نيڪ تمنائون ظاهر ڪيون. هن چيو ته دوستن جي محبتون ۽ حوصلا افزائي سنڌس لاءِ وڏي اعزاز جي ڳالهه آهي. تقريب ۾ لاڙڪاڻي پريس ڪلب جو صدر نويد لاڙڪ، سينيئر صحافي ايس اقبال بابو، ڏوڪري پريس ڪلب جو صدر فدا حسين ابڙو، قاضي آفتاب احمد، زبير زرار منگي، علي اصغر ميمڻ، قاضي سهيل، قاضي فريد، عوامي پريس ڪلب ڏوڪري جو صدر عبدالجبار ميمڻ، ربنواز ڪوسو، سنڌ پريس ڪلب جو صدر امتياز ڪولاچي، تعلقي پريس ڪلب جو حاجي مختيار انڙ، قاضي نياز، اطهر ميمڻ، سلامت ابڙو، منصور ابڙو، عبدالحميد ڀٽو، وسيم ڀٽو، موهن جو دڙو پريس ڪلب جو صدر عبدالحق پيرزادو، باقراڻي پريس ڪلب جو صدر لالا برڪت بلوچ، نثار شيخ، عظيم راجپوت، سيد اياز شاهه، ياسين مشوري، سيد جمن شاهه، وحيد ڳاهو، معشوق مشوري، ليڪ وفا صالح راڄپر، عبدالرحمان قمبراڻي، دودو ديشي، صابر جروار، نياز حسين سوهو، صدام چانڊيو، عباد منگي، غلام محمد ڀٽي، عبدالفتاح، عادل خانزاده، ايس ايڇ او ڏوڪري محمد ابراهيم بروهي، ايس ايڇ او ايئرپورٽ علي مراد ڪوسو، قربان انڙ، دمساز چانڊيو، تيمور ڪوڪر، ڪامران سولنگي، افضل سنڌيلو سميت سياسي، سماجي شخصيتن ۽ شهرين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي ان موقعي تي صحافين ۽ ساڄاهه وندن جو چوڻ هو ته جي ايم جهتيال پنهنجي قلم ذريعي غريب ۽ مسڪين طبقي جي ماڻهن جا مسئلا ايمانداري سان اجاگر ڪري رهيو آهي، سنڌس صحافتي ۽ ادبي خدمتون قابلِ قدر آهن. هن چيو ته جي ايم جهتيال هڪ باضمير ۽ ذميوار صحافي طور پنهنجو ڪردار ادا ڪري رهيو آهي ۽ صحافتي ميدان ۾ نمايان حيثيت رکي ٿو. تقريب جي آخر ۾ شرڪت ڪندڙن گڏجي ڪيڪ ڪاٽيو ۽ جي ايم جهتيال جي صحت، سلامتي ۽ وڏي ڄمار لاءِ دعائون گهريون

بقايا عوامي سوچ 11

لاح ۽ ٻين اڳواڻن پاران شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي 47هين ورسي نهايت عقيدت، احترام ۽ جذبي سان ملهائي وئي، جتي ڪارڪنن ۽ جيالن شرڪت ڪري پنهنجي محبوب اڳواڻ سان محبت جو اظهار ڪيو. تقريب دوران شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي تصوير اڳيان گلن جي ورکا ڪئي وئي ۽ ڏيئا ٻاري ڪيس ڀرپور ڀيٽا پيش ڪئي وئي، ان موقعي تي سڄو ماحول "جيئي ڀٽو" جي نعرن سان گونجي اٿيو ۽ ڪارڪنن پنهنجي قائد سان والهاڻو جذبو ظاهر ڪيو. تقريب کي خطاب ڪندي ارباب رسول بخش دل چيو ته شهيد ذوالفقار علي ڀٽو هڪ عظيم مدبر، بهادر اڳواڻ ۽ عوام جي حقن جو سچو علمبردار هو، جنهن پنهنجي جان جو نذرانو ڏئي ملڪ ۾ جمهوريت، آئين ۽ عوامي حقن کي مضبوط بنياد فراهم ڪيو. هن چيو ته ڀٽو صاحب جي شهادت رڳو هڪ فرد جو نقصان نه پر سڄي قوم لاءِ هڪ وڏو سانحو هو، پر سنڌس فڪر ۽ جدوجهد اڄ به زنده آهي ۽ هميشه رهندي. ٻين اڳواڻن زلفي دل ، زلفي دل، سرفراز انصاري، ۽ ٻين پنهنجي قائد جي شان ۾ چيو ته شهيد ڀٽو جون قربانيون تاريخ جو اهڙو سنهري باب آهن، جيڪي هر دور ۾ نئين نسل کي حق ۽ سچ لاءِ بيهڻ جو حوصلو ڏين ٿيون. هنن وڌيڪ چيو ته ڀٽو جو فلسفو ظلم خلاف مزاحمت ۽ عوامي بالادستي جو پيغام آهي، جنهن کي اڳتي وڌائڻ اسان سڀني جي ذميواري آهي. تقريب جي پڄاڻي تي ڪارڪنن شهيد ذوالفقار علي ڀٽو کي ڀرپور ڀيٽا پيش ڪندي ان عزم جو ورجاءُ ڪيو ته هو هر حال ۾ ڀٽو جي مشن، فڪر ۽ جدوجهد کي جاري رکندا ۽ عوام جي حقن لاءِ آواز بلند ڪندا رهندا

بقايا عوامي سوچ 12

دي ڌرڻو هنيو ويو جنهن ۾ مختلف قوم پرست پارٽين جي اڳواڻن، سياسي سماجي صحافين وڪيلن توڙي عوام وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي احتجاج ڪيو ويو ,اڳواڻن خطاب ڪندي چيو آهي ته ملڪ ۾ وڌايل تيل جي هٽرادو اگهن کي گهٽائي غريب عوام کي جيئڻ جو حق ڏنو وڃي هنن چيو ته ملڪ ۾ وڌايل هٽرادو تيل جي قيمتن کي گهٽايو وڃي هي جيڪا جنگي صورتحال جو جواز ڄاڻائي ملڪ هٽرادو تيل جا اگهه وڌايا ويا آهن ان سان ملڪ ۾ هڪڙو مهنگائي جو طوفان ايندو جنهن سان غريب عوام جو جيئڻ جنجال ٿي ويندو ان لاءِ مطالبو ڪجي ٿو ته فوري طور تي تيل جي وڌايل اگهن ۾ گهٽتائي ڪئي وڃي اگر تيل جي قيمتن کي نه گهٽايو ويو ته اسانجو احتجاج تيستائين جاري رهندو جيستائين تيل جي قيمتن نه گهٽايو ويندو. ۽ پورو شهرين شٽربند هرتال ڪري ڇڏي ان موقعي چاچرو جا واپاري توري ساسيءَ ۽ ٻيا پڻ موجود هئا

بقايا عوامي سوچ 13

ايسوسيئيشن جي اڳواڻ نديم مغل سرپرست اعليٰ ، مرتضيٰ مغل صدر شوروم ايسوسيئيشن ۽ ٻين تنظيمن جي اڳواڻن احتجاج ڪندي چيو ته وزير اعظم ۽ ان جي صلاحڪارن جيڪو عوام تي پيٽرول بم ڪيرايو آهي اهو ناقابل برداشت آهي اڄ بدين جي هر روڊ تي احتجاج پريا آهن حڪومت ۾ ويٺلن جو ڪم هوندو آهي عوام لاءِ سهولتون پيدا ڪرڻ پر اسان جا حڪمران سدائين غلط پاليسيون جوڙي عوام کي هميشه تڪليف ۾ وجهي پنهنجن آقائن کي خوش ڪري پنهنجا مقصد پورا ڪندا رهيا آهن پر پوري قوم سڄاڳ ٿي چڪي آهي اها بربريت برداشت نه ڪئي ويندي جيڪڏهن پيٽرول ڊيزل جا اگهه نه گهٽايا ويا ته اهي احتجاج هزارن پوءِ لکن ماڻهن ۾ تبديل ٿيندا ۽ وزيرن جي هائوسن جو پڻ گهيرايو ڪيو ويندو ان موقعي تي سوشل ورڪر اتحاد جي صدر غلام حيدر بڪاري، ايم سومار ملاح ، لاڙ سڄاڳ تحريڪ جي اڳواڻ سيد زين شاهه ۽ ٻين اڳواڻن ڀرپور شرڪت ڪئي

بقايا عوامي سوچ 14

جي غنڊاگردي ڪندي هڪ رڪشا تي حملو ڪيو. رڪشا ۾ 2 کان 3 عورتون سوار هيون، جيڪي ايمرجنسي حالت ۾ اسپتال وڃي رهيون هيون ۽ سنڌن حالت به سنجيده هئي. ان باوجود، ٽريفڪ اهلڪار موڪا هڻي رڪشا جو شيشو ٽوڙي ڇڏيو، جنهن سان وڌيڪ خوف ۽ پريشاني پيدا ٿي. اهڙو عمل نه رڳو انسانيت خلاف آهي پر قانون جي به کليل ڀڃڪڙي آهي. اختيارين کان اپيل آهي ته هن واقعي جو فوري نوٽيس وٺي ذميوار اهلڪار خلاف سخت ڪارروائي ڪئي وڃي ته جيئن اهڙا واقعا ٻيهر نه ٿين

بقايا عوامي سوچ 15

ضلعي بدين ۾ به انتهائي عقيدت ۽ احترام سان ملهائي وئي قائد عوام شهيد ذوالفقار علي ڀٽو کي خراج عقيدت پيش ڪرڻ لاءِ چيئرمين پاڪستان پيپلزپارٽي بلاول ڀٽو زرداري ۽ ڪو چيئرمين آصف علي زرداري جي هدايتن تي سمورن ضلعن ۾ ورسي جون تقريبون منعقد ڪيون ويون بدين ۾ ضلعي صدر پاڪستان پيپلز پارٽي ۽ چيئرمين ضلع ڪائونسل جام علي اصغر هاليپوٽو جي هدايتن تي مرڪزي تقريب بدين جي مڪ هال ۾ منعقد ڪئي وئي جتي قرآن خواني جو اهتمام ڪيو ويو ۽ شهيد ڀٽو کي ڀرپور ڀيٽا پيش ڪئي وئي ان سان گڏ ملڪ جي سلامتي، ترقي ۽ خوشحالي لاءِ خاص دعائون گهريون ويون تقريب ۾ سياسي، سماجي اڳواڻن، پارٽي ڪارڪنن ۽ شهرين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي تقريب کي خطاب ڪندي ايم اين اي حاجي رسول بخش چانڊيو، ايم اين اي مير غلام علي ٽالپر، صوبائي وزير براءِ يونيورسٽيز و بورڊ محمد اسماعيل راهو، وزير اعليٰ سنڌ جو ترجمان عبدالواحد هاليپوٽو، جنرل سيڪريٽري ڊاڪٽر سجاد علي چانڊيو، صدر پيپلزپارٽي تعلقو بدين ايم پي اي حاجي تاج محمد ملاح، ايم پي اي تلهار مير الله بخش ٽالپر، ايم پي اي ٽنڊو باگو ارباب امير امان الله، ايم پي اي ماتلي ڪوآرڊينيٽر محمد صالح هاليپوٽو، ايم پي اي بي بي ياسمين شاهه، وائس چيئرمين ضلع ڪائونسل فدا حسين منڊرو، صدر يوٿ ونگ خان صاحب جمالي، جنرل سيڪريٽري ليڊيز ونگ ساجده ٽالپر، ڊپٽي اطلاعات سيڪريٽري حاجي مير ملاح، ڊاڪٽر دودو مهيري، عبدالغفور نظاماڻي، تعلقن جي سمورن صدرن ۽ ٻين خطاب ڪندي چيو ته شهيد ذوالفقار علي ڀٽو هڪ عظيم مدبر، بهادر اڳواڻ ۽ عوامي سياستدان هو، جنهن ملڪ کي آئين ڏنو ۽ عوام کي پنهنجن حقن لاءِ آواز اٿارڻ جو حوصلو ڏنو هنن چيو ته شهيد ڀٽو 5 جنوري 1928ع تي لاڙڪاڻي ۾ جنم ورتو ۽ پنهنجي سياسي زندگي دوران پاڪستان کي هڪ مضبوط آئين (1973ع جو آئين) ڏنو، ايٽمي پروگرام جو بنياد وڌو ۽ مزدورن، هارين ۽ غريب طبقي لاءِ اهم قدم کنيا. سنڌس "روٽي، ڪپڙا ۽ مڪان" جو نعرو اڄ به عوام جي دلين ۾ زنده آهي هنن چيو ته 4 اپريل 1979ع تي شهيد ذوالفقار علي ڀٽو کي ڦاسي ڏئي شهيد ڪيو ويو، پر سنڌس نظريو ۽ جدوجهد اڄ به زنده آهي ۽ هميشه زنده رهندو هنن چيو ته شهيد ذوالفقار علي ڀٽو پاڪستان جي خودمختياري ۽ دفاع کي ناقابل تسخير بڻائڻ لاءِ تاريخي فيصلا ڪيا. هن ملڪ جي ايٽمي پروگرام جو بنياد رکندي اهو عزم ظاهر ڪيو هو ته "اسان گاهه کائي به ايٽم بم ٺاهينداسين، پر پنهنجي ملڪ جي دفاع تي ڪو به سودو نه ڪنداسين" هن جملي سنڌس قومي غيرت، خودداري ۽ مضبوط ارادي جي عڪاسي ڪئي، جيڪو اڄ به پاڪستان جي دفاعي پاليسي لاءِ مشعل راهه آهي هنن چيو ته شهيد ڀٽو عالمي سطح تي به پاڪستان جو ڪيس وڏي جرئت سان وڙهيو. خاص طور تي اقوام متحده ۾ سنڌس تاريخي ۽ جذباتي تقرير کي اڄ به ياد ڪيو وڃي ٿو، جتي هن عالمي قوتن جي دٻاءَ کي للڪاريندي چيو هو ته پاڪستان ڪنهن به ناانصافي کي قبول نه ڪندو سنڌس تقرير ۾ قومي جذبو، جوش، ولولي سبب هو عالمي ضمير کي جهنجهوڙڻ ۾ ڪامياب ويو هنن چيو ته شهيد ڀٽو نه رڳو هڪ عظيم سياستدان هو پر هڪ بهادر سفارتڪار پڻ هو، جنهن هر محاذ تي پاڪستان جي وقار کي بلند رکيو. سنڌس جدوجهد، قربانيون ۽ عوام دوست پاليسيون هميشه ياد رکيون وينديون ۽ نئين نسل لاءِ مشعل راهه بڻيل رهنديون ورسي تقريب ۾ صدر ليڊيز ونگ ايم پي اي تنزيلا ام حبيبه قمبراڻي، اطلاعات سيڪريٽري پير وقار علي شاهه، چيئرمين ميونسپل ڪميٽي بدين پير محمد صالح قريشي، قبول محمد ڪٽياڻ، صدر تعلقو تلهار نياز لاشاري، صدر تعلقو ماتلي گل محمد سريوال، صدر تعلقو ٽنڊوباگو مير ڪاشف ٽالپر، تعلقا جنرل سيڪريٽري گولارچي عرفان گجر، فاضل راهو جونيئر، رئيس عاشق علي گوپانگ، تعلقا نائب صدر سپاف معاذ سمون، جنرل سيڪريٽري چيمبر آف ايگريڪلچر وفا لطيف جوکيو، حاجي محمد سمون، وائس چيئرمين ميونسپل ڪميٽي بدين علي اڪبر ميمڻ، رضيه ملاح، حاجياڻي ڪوسو، امينا ملاح، غلام رسول سومرو ۽ ٻين پارٽي ڪارڪنن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي

بقايا عوامي سوچ 16

گڏريو تقريب ۾ اڳوڻي سيڪريٽري سنڌ سميت مختلف سياسي سماجي تنظيمن جي اڳواڻن صحافين توڙي ميتلا برادري جي ماڻهن شرڪت ڪئي رپورٽ موجب احمدپورلگ ڳوٺ ڪريم ڏنو ميتلو ۾ سينئر صحافي اشرف علي ميتلو جي والد مرحوم شهمير علي ميتلو جي ٽيجهي جي تقريب تي گڏري تقريب ۾ اڳوڻي سيڪريٽري سنڌ ڊاڪٽر غلام مصطفي سهاڳ يوسي منگهنواري جي چيئرمين مير سجاد خان ٽالپر رئيس علي مراد خان سهاڳ وسيم سهاڳ وحيد ميتلو رئيس قربان علي چانڊيو خالد چانڊيو محمد حنيف چانڊيو سميت مختلف سياسي سماجي تنظيمن جي اڳواڻن ۽ ميتلا برادري جي ماڻهن توڙي پريس ڪلب احمدپور جي صحافين خواجه بدرالدين الهڏنو چانڊيو خواجه نسيم الدين سرفراز احمد ميتلو ۽ ٻين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي بعد ۾ مرحوم جي وڏي پٽ غلام شبير ميتلو کي سنڌس خاندان جي پڳ ٻڌرائي وئي ۽ مرحوم جي ايصال ثواب لاءِ قرآن خواني ۽ خيرات في سبيل الله جو پڻ بندوبست ڪيو ويو

بقايا عوامي سوچ 17

و ڪيو ويو احتجاج ۾ شريڪ سوشل ورڪرن ۽ شهري اڳواڻن گڏهه گاڏين تي سوار ٿي شاهه نواز چوڪ کان ريلي ڪڍي، جيڪا مختلف رستن کان ٿيندي نيشنل پريس ڪلب اڳيان پهتي، جتي احتجاج رڪارڊ ڪرايو ويو. مظاهرين جي هٿن ۾ پلي ڪارڊ ۽ بينر هئا جن تي حڪومت خلاف سخت نعريبازي لکيل هئي ۽ هنن مطالبو ڪندي چيو ته تيل جي وڌنڌڙ قيمتن سبب عام ماڻهو سخت پريشان آهي، جڏهن ته مهانگائي ۾ پڻ ڏينهون ڏينهن اضافو ٿي رهيو آهي غريب پورهيت طبقو پيسجي رهيو هڪ ته اڳ ئي بک بد حالي ۽ بيروزگاري سبب ماڻهو خود ڪشيون ڪري رهيا آهن ٻيو جي نا اهل وزير اعظم مڙهي اسان کان جيئڻ جو حق به کسيو پيو وڃي وڌيڪ ڳالهائيندي چيو ته جيسين تيل جون قيمتون هيٺ نه اينديون تيسين اسان احتجاجن ۾ روڊن تي هونداسين اڳواڻن مطالبو ڪيو ته حڪومت فوراً تيل جون قيمتون گهٽائي ۽ عوام کي رليف فراهم ڪري، ٻي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو. ان موقعي تي ايم سومار ملاح غلام حيدر بڪاري ايم اسلم ملاح سيد زين شاهه مولوي عبدواجد سمون غلام نبي چانگ عبدالمجيد هنگورجو يونس مسحي محمد بخش ملاح لطف علي ملاح ۽ ٻيا شهري موجود هئا.

بقايا عوامي سوچ 18

عري بازي ڪئي وئي، ان موقعي تي تعلقي صدر علي عمراڻي، بابر ٿهيم ، سرفراز ڪوريجو ، وريام سنڌي، ڪامران عمراڻي، اسير ڪوڪر، خان محمد پنهور ۽ ٻين چيو ته هڪ دم تيل ۽ ڊيزل جا اگهه وڌائي ملڪ جي غريب طبقي کي خودڪشي ڪرڻ تي مجبور ڪري ڇڏيو آهي، سڄي دنيا ۾ تيل سستو آهي پرهتي هر روز تيل جا اگهه چاڙهي 22 ڪروڙ عوام مٿان بم ڪرايو ويو آهي. فوري طور تيل ۽ ڊيزل جا اگهه واپس وٺي غريب عوام کي جيئڻ جو حق ڏنو وڃي ٻي صورت ۾ احتجاجن جو سلسلو تيز ڪيو ويندو.

بقايا عوامي سوچ 19

بحالي جي سفارش خلاف مقتول جي وارثن سخت احتجاج ڪيو آهي، دادو پريس ڪلب آڏو مقتول واحد علي گوپانگ جي وارثن قتل ڪيس جي فريادي حبدار علي، بيوه عابده، ٻار ضيغم ۽ معجزه بتول، ڪيس جي شاهد مشير، مجاهد علي ۽ مختيار علي پنهنجو موقف پيش ڪيو آهي ته قتل ڪيس ۾ چاڻايل جوابدار اڳوڻي ايس ايڇ او نور محمد گوپانگ ۽ هيڊ ڪانسٽيبل غلام حسين جي مبينا بحالي جي سفارش ايس ايس پي دادو ڪئپٽن (ر) صدام حسين خاصخيلي طرفان ڪئي پئي وڃي، جيڪا سنڌن چوڻ موجب ڪيس کي ڪمزور ڪرڻ جي ڪوشش آهي، وارثن جو چوڻ هو ته ڪيس ۾ چاڻايل پوليس اهلڪارن کي اداري جي پٺڀرائي حاصل آهي، جنهن سبب نه رڳو انصاف جا تقاضا پورا نه ٿا ٿين پر الٽو ڪيس جي فريادي، بيوه، شاهدن ۽ لڳ ڀڳ چاليهه ماڻهن تي ٻڌل خاندان جي ٻين فردن خلاف به ڪوڙا ڪيس داخل ڪيا ويا آهن، مظاهرين ڊي آءِ جي حيدرآباد کان مطالبو ڪيو ته قتل ڪيس ۾ اڳوڻي ايس ايڇ او نور محمد گوپانگ جي بحالي جي سفارش کي فوري طور رد ڪيو وڃي ۽ شفاف جاچ کي يقيني بڻايو وڃي، هنن خبردار ڪيو ته جيڪڏهن سنڌن مطالبا تسليم نه ڪيا ويا ته انصاف حاصل ٿيڻ تائين باقاعده احتجاجي تحريڪ هلائي ويندي،

بقايا عوامي سوچ 20

پيپلز پارٽي ضلع دادو پاران پير هائوس پيپلز سيڪريٽريٽ دادو ۾ هڪ شاندار، ڀرپور ۽ باوقار تقريب منعقد ڪئي وئي، جنهن ۾ هزارين پارٽي اڳواڻن، ڪارڪنن ۽ عقيدتمندن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي، تقريب کي خطاب ڪندي پ پ ضلعي صدر بئريسٽر پير مجيب الحق ۽ ٻين اڳواڻن چيو ته شهيد ذوالفقار علي ڀٽو پنهنجي سڄي زندگي عوامي حقن، جمهوريت، آئين جي بالادستي ۽ غريب طبقي جي ڀلائي لاءِ وقف ڪري ڇڏي، اڳواڻن چيو ته شهيد ڀٽو جي جدوجهد پاڪستان جي تاريخ جو روشن باب آهي، جنهن مان ايندڙ نسلون به رهنمائي وٺنديون رهنديون هنن وڌيڪ چيو ته پاڪستان پيپلز پارٽي پنهنجي قائد جي فڪر، فلسفي ۽ مشن تي ثابت قدم رهي عوام جي خدمت جاري رکندي ۽ ملڪ ۾ جمهوريت جي مضبوطي لاءِ هر ممڪن قدم کڻندي رهندي، اڳواڻن ان عزم جو پڻ اظهار ڪيو ته ڀٽو صاحب جي اڌوري مشن کي مڪمل ڪرڻ لاءِ جدوجهد جاري رکي ويندي،

بقايا عوامي سوچ 21

ي گڏريو اجلاس کي خطاب ڪندي ٽي ايل پي جي مولانا غلام مصطفي لاشاري، ايس يو پي جي غلام قادر لغاري ,غلام نبي ٻاهوتو، جسقم شهيد بشير قريشي گروپ جي قربان ڪوڪر، زاهد ٻاهوتو، پ پ شهيد ڀٽو جي ايم هاشم ڪوسو، ۽ ٻين اڳواڻن پنهنجي ڌار ڌار خطاب ۾ چيو ته ملڪ اندر حڪمرانن جي عياشين لاءِ هر هفتي تيل گئس جا هٽرادو اگهه مقرر ڪري عوام کان هاڻ وات وارو گرهه به کسي رهيا آهن هنن چيو ته جنهن ملڪن اندر جنگ هلي پئي اتي پيٽرول سستو ملي رهيو آهي مگر هتان جي حڪمرانن عوام جي رد عمل کي خاموش ڪرڻ لاءِ تيل جي قيمتن ۾ اضافو ڪري ڇڏيو آهي جنهن سبب روز مره واري کاڌي پيتي جي شين جي اگهن ۾ باهه لڳي وئي آهي ملڪ اندر اڳ ۾ ئي بک بدحالي بي روزگاري بد امني عروج تي پهتل آهي روزانو بي پهچ پورهيت بکن ۽ خود ڪشين ۾ مري رهيا آهن روزانو مهانگائي جي بار سبب نوجوان طبقو ذهني مريض بڻجندو پيو وڃي هنن چيو ته حڪمرانن کي گهرجي ته هٽرادو مهانگائي تي ضابطو آڻي پيٽرول جي اگهن ۾ گهٽائي ڪئي وڃي آخر ۾ هنن حڪومت جي پيٽرول جي قيمتن ۾ واڌ ڪرڻ خلاف سڀاڻي آچر ڏهاڙي ڀرپور احتجاج جو سڏ ڏيندي احتجاج ۾ شريڪ ٿيڻ جي اپيل ڪئي.

بقايا عوامي سوچ 22

لغاري پنهنجي ننڍي ڀاءُ وزير لغاري کي آئيس پيئڻ ۽ منشيات وڪرو ڪرڻ تان منع ڪرڻ تي پوليس جمعدار ممتاز لغاري مٿان قلجي روڊ ٻبر محله وٽ پوليس عملي جي موجودگي ۾ سڌي فائرنگ شروع ڪري ڏني جنهن جي نتيجي ۾ ممتاز لغاري گوليون لڳڻ سبب زخمي ٿي پيو زخمي جمعدار کي تعلقه اسپتال جوهي آندو ويو جتي فرسٽ ايڊ ڏني وئي ان موقعي تي زخمي جمعدار ٻڌايو ته ننڍو ڀاءُ وزير لغاري چوويه ڪلاڪ آئيس جي نشي ۾ ڌت هئڻ ڪري اسان گهر ڀاتين جي زندگي زهر ڪري ڇڏي آهي نشي جي عادت پوري ڪرڻ لاءِ پئسن جي گهر ڪري ٿو نه ڏيڻ تان گهر اندر ٽياٽين معصوم ٻار عورتن تي وحشياڻو تشدد جو نشانو بڻائي ٿو ۽ ٻارڙن کي مارڻ جون ڌمڪيون ڏئي ٿو جنهن سبب سڄي سڄي رات معصوم ٻار خوف کان ننڊ ئي نٿا ڪن ذهني مريض بڻجي ويا آهن هن چيو ته ڪافي مرتبه پنهنجي پٽي پاڻين کي ڀاءُ خلاف شڪايتون درج ڪرايون مگر پوليس ڪاب قانوني ڪارروائي نه ڪئي ڪجھ ڊيوٽي عملدارن کي پئسا به ڏنا گرفتار نه ڪرڻ تي اڄ واقعو پيش آيو آهي هوڏانهن جوهي ٿاڻي زخمي جمعدار ممتاز لغاري پنهنجي ڀاءُ وزير لغاري خلاف جهيڙي جي اين سي داخل ڪرائي آهي پوليس اڃاتائين ڪاب گرفتاري عمل ۾ ناهي آندي ,

بقايا عوامي سوچ 23

اڳواڻ خالد محمود چنا چيو آهي ته احتجاجي مظاهرو شام 3 وڳي شام موسي واهه کان مظاهرو ڪڍي پٽي اسٽاپ وٽ ڌرڻو هنيو ويندو، جنهن جي اڳواڻي جي يو آءِ سنڌ جو پريس سيڪريٽري ڊاڪٽر اي جي انصاري ڪندو. اڳواڻن پنهنجي بيان ۾ چيو آهي ته شهر ۾ وڌندڙ بدانتظامي، عوامي مسئلن ۽ ناانصافين خلاف هاڻي خاموش رهڻ ممڪن ناهي. هنن وڌيڪ چيو ته شهرين جا بنيادي حق مسلسل نظرانداز ٿي رهيا آهن، جنهن سبب عوام ۾ بيچيني وڌي رهي آهي. هنن واضع ڪيو ته هي احتجاج سڄي شهر جي عوام جي حقن لاءِ آهي، جنهن ۾ هر باشعور شهري کي ڀرپور شرڪت ڪرڻ گهرجي. اڳواڻن شهر جي مختلف علائقن، ڳوٺن ۽ ڀرپاسي جي آبادگارن کي به سڏ ڪيو آهي ته هو وڏي انگ ۾ شرڪت ڪري پنهنجي حقن لاءِ گڏجي آواز بلند ڪن. هنن چيو ته اتحاد ۽ يڪجهتي سان ئي مسئلن جو حل ممڪن آهي

بقايا عوامي سوچ 24

وضلع آرگنائيزر بابل ڪوريجو،تعلقه صدر رياض لاشاري سميت ميرٽاڪي ۾ خصوصي طور مرڪزي اڳواڻ نديم احمد قريشي شرڪت ڪئي، ميرٽاڪي ۾ نگار بروهي، شاهزيب ڪوريجو، خادم سولنگي، معشومتين اڳواڻن خطاب ڪندي چيو شهيد ذوالفقار علي ڀٽو پاڪستان جو هڪ عظيم ليڊر هو هن پاڪستان کي آئين ڏنو پاڪستان کي ائٽمي طاقت بڻايو اسٽيل مل ڏني، غريبن کي گهر ڏنا، نوجوانن کي نوڪريون ڏنيون قاديانين کي ڪافر قرار ڏنو پر عالمي قوتن ڪيس سازشون ڪري ڪوڙي ڪيس ۾ ڦاسائي ڦاهي ڏياري ڇڏي، اڳواڻن چيو ته ڀٽو صاحب هڪ عظيم شخصيت هو اسين ڪيس اڄوڪي ڏينهن تي خراج تحسين پيش ڪيون ٿا. آخر ۾ ايران جي سپريم ليڊر آيت الله خامنائي جي روح جي ايصال ثواب لاءِ دعائون پڻ گهريون ويون، ٻي طرف پيپلزپارٽي شهيد ڀٽو ضلع جيڪب آباد پاران شهيد ڀٽو ضلع شهدادڪوٽ جي اڳواڻ منير بروهي جي گهر تي پوليس جي ناجائز چاڙهي ڪرڻ خلاف ضلعي آفيس کان يوٿ جي علي شير منجهو، شفيع محمد گولو، اياز چانڊيو سميت ٻين جي اڳواڻي ۾ ريلي ڪڍي وئي آئي جي سنڌ کان نوٽيس وٺي مطالبو صاف شفاف انڪوائري ڪرائي نه ته ٻي صورت پوري سنڌ ۾ احتجاج ڪيا ويندا

بقايا عوامي سوچ 25

ٽيم جي مرڪزي اڳواڻن عنايت علي خان عمراڻ، برڪت علي ميرجت، دلمراد خان جتوئي، محمد عيدن جتوئي، عبدالغفار راڏڻ، اعجاز علي بليدي، برڪت علي ميراڻي، جاويد علي لاهوري، لالا سرهيو، ارشاد علي چانڊيو، ولي محمد لاهوري، شهباز ڀٽو، الله ڏنو گوپانگ، لالا مسلم سهڙو، صدام حسين جتوئي، صدام حسين جيسر، توقير علي ڪلهوڙو، سجاد چانڊيو، فيصل ڪورائي، منير احمد ٻگهيو، عاقب حسين ڪاٺيو، سرفراز ڪوڪر، احمد حسين ڪاٺيو، اسرار علي مناڻي، امجد ٽنيو، زوهيب علي بروهي، اصغر مغيري سميت ٻين شرڪت ڪئي شهيد ذوالفقار علي ڀٽو کي خراج عقيدت پيش ڪيو بعد ۾ اڳواڻن ڳڙهي خدابخش ڀٽو ۾ شهيدن جي مزار تي گلن جي چادر چاڙهي فاتحه خواني ڪري دعا پڻ گهري. ان موقعي تي اڳواڻن چيو ته شهيد ذوالفقار علي ڀٽو سڄي حياتي مظلوم جي حقن لاءِ جاکوڙ ڪنهن آمر آڏو جهڪڻ بجاءِ ڦاهي قبول ڪئي، شهيد ذوالفقار علي ڀٽو عوامي سياستدان هو جنهن هيٺين طبقي کي پنهنجا حق ڏياري اِهو ثابت ڪيو ته عوامي حقن جي لاءِ جدوجهد ڪندڙ ليڊر تاريخ جي ورقن ۾ هميشه زنده رهندا آهن. اڄ اسين پنهنجي قائد شهيد ذوالفقار علي ڀٽو کي سنڌس ورسي جي موقعي تي خراج عقيدت پيش ڪيون ٿا.

بقايا عوامي سوچ 26

ڀٽو جي 47 ورسي نهايت سادگي احترام سان ضلع صدر اڪبر سوڍر جي اڳواڻي ۾ ملهائي وئي ورسي تقريب ۾ ضلع جنرل سيڪريٽري بابر مغيري شاهڪار ملاح غازي نجيب چانڊيو عبدالرزاق رند مصطفي گورچاڻي وسيم ڀٽي عبدالغفور ڀٽو نديم ڀٽو پنهنجي خطاب ۾ عظيم ليڊر پاڪستان توڙي سڄي دنيا جي مظلوم عوام لاءِ ڪيال جدوجهد کي ڀيٽا پيش ڪئي ورسي تقريب ۾ شهيد ذوالفقار علي ڀٽو صاحب جي روح کي ثواب پهچائڻ لاءِ قرآن خواني ۽ دعا مغفرت ڪئي ۽ بعد ۾ ورڪرن کي خيرات جي ماني کارائي وئي ورسي تقريب ۾ لالا انور ڀٽي الهبچايو ڪيريو اعجاز ميراڻي نعمان جمالي نصرالله مستوئي مشتاق ڪوڪر علي ابڙو سمندر رند علي جمالي جاويد لانگاهه مقصود ڀٽي عرفان جمالي ۽ ٻين ورڪرن ڀرپور شرڪت ڪئي

بقايا عوامي سوچ 27

رو ڪيو ويو جتي هنن ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته وفاقي حڪومت عوام مٿان مهانگائي جو پيٽرول بم ڪيرايو آهي جنهن جي اسان سخت لفظن ۾ مذمت ڪيون ٿا هنن وفاقي حڪومت کان پرزور مطالبو ڪيو ته پيٽرول ۽ ڊيزل جا اگهه فوري طور گهٽائي عوام مان بي چيني ختم ڪئي وڃي ٻي صورت ۾ سخت احتجاج ڪيو ويندو

منياڻي ويجهو پانڊي اسٽاپ تي شاگرد سجاڳ سٽ نٽ ڳوراهو جي سڏ تي احتجاجي ريلي

ريلي جي اڳواڻي زاهد حسين پنهور، صوفي خالد چنه، سرائي ڪامريڊ ظفر، ڪامريڊ عظمت ملاح ۽ ڪامريڊ فاروق سولنگي ڪري رهيا هئا

مظاهرين حڪومت خلاف سخت نعريبازي ڪئي ۽ مهانگائي خلاف پنهنجو احتجاج رڪارڊ ڪرايو

موجوده حڪومت جي پاليسين سبب عوام سخت پريشانين کي منهن ڏئي رهيو آهي

منياڻي (رپورٽ: ميول خان مستوئي) منياڻي ويجهو پانڊي اسٽاپ تي شاگرد سجاڳ سٽ نٽ ڳوراهو جي سڏ تي وفاقي حڪومت پاران پيٽروليم شين جي اگهن ۾ واڌ ۽ وڌنڊڙ مهانگائي خلاف وڏي احتجاجي ريلي ڪڍي وئي/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر1

منياڻي ويجهو پانڊي اسٽاپ تي شاگرد سجاڳ سٽ نٽ ڳوراهو جي سڏ تي احتجاجي ريلي

ڪراچي عبدالله ڳبول ڳوٺ ۾ بيگناهه قتل ٿيل مير عبدالستار بگٽي جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ

مظاهري جي اڳواڻي عطاءالله بگٽي، خان محمد بگٽي، نواب خان بگٽي ۽ محمد رمضان بگٽي ڪئي

بگٽي برادري جي سوين نوجوانن شرڪت ڪئي، مظاهرين هٿن ۾ پلي ڪارڊ کڻي انصاف لاءِ نعرا هڻندا رهيا

غلام رسول بگٽي، حاڪم بگٽي ۽ واحد بگٽي بنا ڪنهن جوازجي گوليون هڻي بيگناهه قتل ڪيو

ڪراچي (رپورٽ منصور چانڊيو) ڪراچي منگهوپير ٽائون جي يوسي 11 ۾ واقع عبدالله ڳبول ڳوٺ ۾ بيگناهه قتل ٿيل مير عبدالستار بگٽي جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ بگٽي برادري پاران زبردست احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو. مظاهري/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر2

هڪ سال پهريان بيگناهه قتل ٿيل مير عبدالستار بگٽي جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ بگٽي برادري پاران احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو

پاڪستان رينجرز (سنڌ) ڳجهي معلومات جي بنياد تي ڪارروائي

عصمت الله عرف متو ولد عمر، ذيشان ولد رحيم صديق، زلمي پٽ لجپر، فضل الرحمان عرف ماني ولد فضل ڪريم ۽ موسيٰ پٽ جليل کي گرفتار ڪيو ويو

302 بور پستول (بغير لائسنس جي)، گرفتار جوابدار جي قبضي مان هڪ موبائل فون، 1 ٽيبليٽ ۽ نقد رقم هٿ ڪئي وئي

گرفتار جوابدار ڪراچي نادرن بائِ پاس، ڪي ڊي اي لنڪ روڊ، گلشن معمار ۽ ڀرپاسي وارن علائقن ۾ ڦرلٽ ۽ اسٽريٽ ڪرائم جي ڪيترن ئي واقعن ۾ ملوث آهن

ڪراچي (رپورٽ منصور چانڊيو) پاڪستان رينجرز (سنڌ) ڳجهي معلومات جي بنياد تي ڪارروائي ڪندي ماني گينگ سان تعلق رکندڙ جنجهال ڳوٺ ۽ آس پاس جي علائقن مان ڦرلٽ ۽ اسٽريٽ ڪرائم جي ڪيترن ئي واقعن ۾ ملوث/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر3

پيٽروليم جا اگهه وڌي وڃڻ ۽ مهنگائي جي طوفان خلاف ٺٽي ۾ نوجوان بہ سراپا احتجاج بڻجي ويا

ٺٽي جي ضلعي هيڊ ڪوارٽر مڪلي تي احتجاجي ريلي ڪڍي مظاهرو ڪري پيٽروليم جا اگهه فوري طور گهٽائڻ جو مطالبو ڪيو ويو

نوجوانن ۽ منٿري سنگت جي اڳواڻن پاران پيٽروليم جي اگهن ۾ اوچتي واڌ ۽ مهنگائي خلاف احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو

ملهار خشڪ، عمران جاکرو معيز ميمڻ، فرهاد ميمڻ، دلشاد واريو ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاجي ريلي ڪڍي نعريبازي ڪئي وئي

ٺٽو (رپورٽ واحدشورو) پيٽروليم جا اگهه وڌي وڃڻ ۽ مهنگائي جي طوفان خلاف ٺٽي ۾ نوجوان بہ سراپا احتجاج بڻجي ويا، ٺٽي جي ضلعي هيڊ ڪوارٽر مڪلي تي احتجاجي ريلي ڪڍي مظاهرو ڪري پيٽروليم جا اگهه فوري طور گهٽائڻ/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر4

احتجاج
احتجاج
ٽرول جي اگهن ۾ واڌ نامنظور
ان: منٿري سنگت يونٽي ٺٽو

پري مون سون رين فلڊ ڪارپيٽ ويڪسين توڙي حفاظتي بچاءَ جي ٽڪن لڳائڻ واري مهم جو افتتاح

ڊاڪٽرن ۽ پيرا اسٽاف جي موجودگي ۾ ڪري چوپائي مال کي ويڪسين توڙي ٽڪا جانور جي پالنا کاتي ٺٽي جي ڊاڪٽرن ۽ اسٽاف پاران لڳايا ويا

گل گهوٽو، نڙي پليٽ، ڦڦڙي، انڌي ماتا، پٽي واري بيمارين کان بچاءَ جا حفاظتي ٽڪا لڳائڻ واري مهم جو آغاز ڪيو آهي

اهو بهتر عمل آهي، هن مفت ويڪسين توڙي ٽڪا لڳائڻ واري مهم سبب چوپايو مال بيمارين کان محفوظ رهي سگهندو

ٺٽو (رپورٽ واحدشورو) جانور جي پالنا کاتي ٺٽي طرفان سنڌ حڪومت جي صوبائي وزير محمد علي خان ملڪاڻي جي خاص هدايتن تي چوپائي مال کي مختلف وچرندڙ بيماري کان بچاءَ خاطر پري مون سون رين فلڊ ڪارپيٽ ويڪسين توڙي حفاظتي/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر5

بدين ۾ قائد عوام شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي 47هين ورسي عقيدت ۽ احترام سان ملهائي وئي

پاڪستان پيپلزپارٽي بلاول ڀٽو زرداري ۽ ڪو چيئرمين آصف علي زرداري جي هدايتن تي سمورن ضلعن ۾ ورسي جون تقريبون منعقد ڪيون ويون

ضلعي صدر پاڪستان پيپلزپارٽي ۽ چيئرمين ضلع ڪائونسل ڄام علي اصغر هاليپوٽو جي هدايتن تي مرڪزي تقريب بدين جي مک هال ۾ منعقد ڪئي وئي

جتي قرآن خواني جو اهتمام ڪيو ويو ۽ شهيد ڀٽو کي ڀرپور ڀيٽا پيش ڪئي وئي ان سان گڏ ملڪ جي سلامتي، ترقي ۽ خوشحالي لاءِ خاص دعائون گهريون ويون

گولارچي(ساجد اقبال راجپوت) بدين ۾ قائد عوام شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي 47هين ورسي عقيدت ۽ احترام سان ملهائي وئي پاڪستان پيپلز پارٽي جي باني ۽ اڳوڻي وزيراعظم قائد عوام شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي 47هين ورسي سڄ/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر6

ٿليسميا جي مريضن جي مدد لاءِ منعقد ڪيل بلڊ ڊونيشن مهم ۾ ڀرپور حصو وٺن: ڊي سي

6 اپريل کان 10 اپريل 2026 تائين سول اسپتال مڪلي ۾ قائم ڪيل خصوصي وارڊ ۾ رت جا عطيا گڏ ڪيا ويندا

جيئن ٿليسميا جي مريضن کي بروقت ۽ بنا رڪاوٽ رت جي فراهمي کي يقيني بڻائي سگهجي

ٺٽو(رپورٽ واحدشورو) ڊپٽي ڪمشنر ٺٽو سرمد علي پاگت پاران عوام کي پرزور اپيل ڪئي آهي تہ هو ٿليسميا جي مريضن جي مدد لاءِ منعقد ڪيل بلڊ ڊونيشن مهم ۾ ڀرپور حصو وٺن ۽ انساني همدردي جو مثال قائم ڪن.ضلعي انتظاميہ پاران جاري ڪيل اعلاميہ موجب 6 اپريل کان 10 اپريل 2026 تائين سول اسپتال مڪلي ۾ قائم ڪيل خصوصي وارڊ ۾ رت جا عطيا/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر7

ڊپٽي ڪمشنر ٺٽو سرمد علي پاگت عوام کي اپيل ڪئي آهي ته

قائدِ عوام شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي 47هين ورسي تقريب

تقريب ضامن هائوس گهوڙاباري تي عقيدت و احترام سان ملهائي وئي

ورسي تقريب ۾ پيپلزپارٽي عهديدارن بلدياتي نمائندن، معززين، پارٽي ورڪرن وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي

ٺٽو(پورٽ واحدشورو)صوبائي وزير حاجي علي حسن زرداري صاحب جي خاص هدايتن تي پاڪستان پيپلزپارٽي تعلقہ صدر گهوڙاباري محمد رمضان پنهور پاران پاڪستان پيپلزپارٽي جي باني، قائدِ عوام شهيد ذوالفقار علي ڀٽو صاحب/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر8

سوشل ورڪر اتحاد ضلع بدين جي سڏ تي تيل جي وڌندڙ قيمتن خلاف احتجاج

سوشل ورڪر اتحاد ضلع بدين جي سڏ تي تيل جي وڌندڙ قيمتن خلاف احتجاج

احتجاج ۾ شريڪ سوشل ورڪرن ۽ شهري اڳواڻن گڏهہ گاڏين تي سوار ٿي شاهنواز چوڪ کان ريلي ڪڍي

جيڪا مختلف رستن کان ٿيندي نيشنل پريس ڪلب اڳيان پهتي، جتي احتجاج رڪارڊ ڪرايو ويو

بدين :(رجب راهمون) سوشل ورڪر اتحاد ضلع بدين جي سڏ تي تيل جي وڌندڙ قيمتن خلاف اڄ نيشنل پريس ڪلب بدين اڳيان احتجاجي مظاهر/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر17

احمدپور ۾ سينئر صحافي اشرف ميتلو جي والد مرحوم جو ٽيجهو ٿي گذريو

مختلف سياسي سماجي تنظيمن جي اڳواڻن صحافين توڙي ميتلا برادري جي ماڻهن شرڪت ڪئي

مرحوم جي ايصال ثواب لاءِ قرآن خواني ۽ خيرات في سبيل الله جو پڻ بندوبست ڪيو ويو

احمدپور (رپورٽ سرفراز علي ميتلو) احمدپورلڳ ڳوٺ ڪريم ڏنو ميتلو ۾ سينئر صحافي اشرف ميتلو جي والد مرحوم جو ٽيجهو تي /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر16

بدين ۾ قائد عوام شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي 47هين ورسي عقيدت ۽ احترام سان ملهائي وئي

آصف علي زرداري جي هدايتن تي سمورن ضلعن ۾ ورسي جون تقريبون منعقد ڪيون ويون

ڄام علي اصغر هاليپوٽو جي هدايتن تي مرڪزي تقريب بدين جي مک هال ۾ منعقد ڪئي وئي

بدين (رجب راهمون) پاڪستان پيپلز پارٽي جي باني ۽ اڳوڻي وزيراعظم قائد عوام شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي 47هين ورسي سڄي ملڪ سميت/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر15

شانواز چونڪ بدين تي هڪ انتهائي افسوسناڪ واقعو پيش آيو

جتي هڪ ٽريفڪ اهلڪار بنا ڪنهن قانوني ڪارروائي جي غنڊاگردي ڪندي هڪ رڪشا تي حملو ڪيو

بدين(رجب راهمون) اڄ شانواز چونڪ بدين تي هڪ انتهائي افسوسناڪ واقعو پيش آيو، جتي هڪ ٽريفڪ اهلڪار بنا ڪنهن قانوني ڪارروائي/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر14

شوروم ايسوسيئيشن جي سرپرست اعلي1 نديم مغل پاران پيٽرول ڊيزل مهانگو ڪرڻ خلاف احتجاج

وزيراعظم ۽ ان جي صلاحڪارن جيڪو عوام تي پيٽرول بم ڪيرايو آهي اهو ناقابل برداشت آهي

اڄ بدين جي هر روڊ تي احتجاج برپا آهن حڪومت ۾ ويٺلن جو ڪم هوندو آهي

بدين (رجب راهمون) شوروم ايسوسيئيشن جي سرپرست اعلي1 نديم مغل پاران پيٽرول ڊيزل مهانگو ڪرڻ خلاف احتجاج تفصيل . بدفين شوروم/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر13

احتجاج
احتجاج
احتجاج
ملڪ ۾ پيٽرول ۽ ڊيزل جي وڌندڙ قيمتون نامنظور
ملڪ ۾ وڌندڙ مهنگائي نامنظور
ملڪ ۾ مهنگائي گهٽايو، غريب عوام کي بچايو
پاران:- موٽرسائيڪل شوروم ايسوسيئيشن بدين، صدر علي مرتضيٰ مغل

ڇاڇرو ۾ ارباب گروپ جي اڳواڻ دلاور مالاڪائي جي طرفان ملڪ ۾ وڌندڙ تيل جي قيمتن جي احتجاجي ريلي

مختلف قوم پرست پارٽين جي اڳواڻن، سياسي سماجي صحافين وڪيلن توڙي عوام وڏي انگ ۾ شرڪت

ملڪ ۾ وڌايل تيل جي هٿرادو اگهن کي گهٽائي غريب عوام کي جيئڻ جو حق ڏنو وڃي

مٺي (ڊ_رمحمدرحيم مگريو)ڇاڇرو ۾ ارباب گروپ جي اڳواڻ دلاور مالاڪائي جي طرفان ملڪ ۾ وڌندڙ تيل جي قيمتن جي احتجاجي ريلي /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر12

ٽيم جونيئر ذوالفقار علي ڀٽو بدين جي اڳواڻن طرفان شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي 47هين ورسي ملهائي وئي

جتي ڪارڪنن ۽ جيالن شرڪت ڪري پنهنجي محبوب اڳواڻ سان محبت جو اظهار ڪيو

تقريب دوران شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي تصوير اڳيان گلن جي ورڪا ڪئي وئي

بدين(رجب راهمون) ٽيم جونيئر ذوالفقار علي ڀٽو بدين جي اڳواڻن ارباب رسول بخش دل، سجاع خواجہ، زلفي دل، سرفراز انصاري، بابو انڙ، اياز /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر11

سينيئر صحافي جي ايم جهتيال جي 48هين سالگرهہ جو ڪيڪ ڪاٽيو ويو

جنهن ۾ وڏي انگ ۾ صحافين، سول سوسائٽي جي نمائندن ۽ شهرين شرڪت ڪئي

سالگرهہ تقريب دوران صحافي دوستن ۽ شهرين پاران جي ايم جهتيال کي سنڌ جي ثقافت اجرڪ ۽ ٽوپي پارائي گلن جا تحفا ڏنا

ڏوڪري(رپورٽر) آواز ٽي وي نيوز موهن جو دڙو جي رپورٽر ۽ پريس ڪلب موهن جو دڙو جي جنرل سيڪريٽري، سينيئر صحافي جي ايم جهتيال جي 48/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر10

ارباب گروپ جي اڳواڻ ارباب احسان جي طرفان ملڪ ۾ وڌندڙ تيل جي قيمتن جي خلاف ريلي

مختلف قوم پرست پارٽين جي اڳواڻن، سياسي سماجي صحافين وڪيلن توڙي عوام وڏي انگ ۾ شرڪت

جيستائين تيل جي قيمتن نہ گهٽايو ويندو، ان موقعي تي ماما وشن ٿري، اوپايو جوڻيجو ۽ ٻيا پڻ موجود هئا

مٺي (ڊ_رمحمدرحيم مگريو) ارباب گروپ جي اڳواڻ ارباب احسان جي طرفان ملڪ ۾ وڌندڙ تيل جي قيمتن جي خلاف بلال پارڪ کان ڪشمير چوڪ/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر9

هٿرادو ڪيل ڳاٽي ٽوڙ مهانگائي خلاف
احتجاجي ريلي

دادو ۾ تيل ۽ ڊيزل ۽ عام واهپي جون شيون، مهانگيون ٿيڻ خلاف احتجاج

سنڌ يونائيٽڊ پارٽي تعلقہ دادو پاران هٿن ۾ جهنڊا کڻي دادو پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو ڪري مين ڪچهري روڊ تي ڌرڻو هڻي سخت نعري بازي ڪئي وئي

هڪ دم تيل ۽ ڊيزل جا اگهہ وڌائي ملڪ جي غريب طبقي کي خودڪشي ڪرڻ تي مجبور ڪري ڇڏيو آهي

سڄي دنيا ۾ تيل سستو آهي پر هتي هر روز تيل جا اگهہ چاڙهي 22 ڪروڙ عوام مٿان بم ڪرايو ويو آهي

دادو(رپورٽ: محمد رفيق چنہ) دادو ۾ تيل ۽ ڊيزل ۽ عام واهپي جون شيون، مهانگيون ٿيڻ خلاف سنڌ يونائيٽڊ پارٽي تعلقہ دادو پاران هٿن ۾ جهنڊا کڻي دادو پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو ڪري مين ڪچهري روڊ تي ڌرڻو هڻي سخت ن/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر18

دادو ۾ تيل ۽ ڊيزل مهانگو ٿيڻ خلاف ايس يو پي تعلقہ دادو پاران مرڪزي سڏ تي دادو ۾ هٿن ۾ جهنڊا کڻي دادو پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هڻيو

پورهيت جي قتل واري ڪيس ۾ پوليس آفيسر جي مبينا بحالي جي سفارش خلاف مقتول جي وارثن سخت احتجاج

دادو(رپورٽ: محمد رفيق چنہ) دادو ۾ پورهيت جي قتل واري ڪيس ۾ پوليس آفيسر جي مبينا /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر19

دادو: قائد عوام شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي 47هين ورسي، پيپلز پارٽي ضلع دادو پاران ڀرپور ۽ باوقار تقريب

دادو(رپورٽ: محمد رفيق چنہ) قائدِ عوام شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي 47هين ورسي جي موقعي تيپاڪستان/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر20

حڪومت طرفان پيٽرول جي اگهن ۾ عوام جي راءِ بنا ڳاٽي ٽوڙ اضافو ڪرڻ ۽ مهانگائي خلاف اجلاس

ايس يو پي هائوس جوهي ۾ مختلف سياسي سماجي مذهبي ادبي وڪيلن شاگردن جي گڏيل طور اجلاس ٿي گذريو

جسقم شهيد بشير قريشي گروپ جي قربان کوکر، زاهد باهوٽو، پ پ شهيد ڀٽو جي ايم هاشم کوسو ۽ ٻين اڳواڻن پنهنجي ڌار ڌار خطاب

ملڪ اندر حڪمرانن جي عياشين لاءِ هر هفتي تيل گئس جا هٿرادو اگهہ مقرر ڪري عوام کان هاڻ وات وارو گرهہ بہ کسي رهيا آهن

جوهي (رپورٽ رحيم بخش) حڪومت طرفان پيٽرول جي اگهن ۾ عوام جي راءِ بنا ڳاٽي ٽوڙ اضافو ڪرڻ ۽ مهانگائي خلاف ايس يو پي هائوس جوهي ۾ مختلف سياسي سماجي مذهبي ادبي وڪيلن شاگردن جي گڏيل طور اجلاس ٿ/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر21

جوهي ٿاڻي جي جمعدار ممتاز لغاري کي پنهنجي ننڍي ڀاءُ پسٽل جا فائر ڪري زخمي ڪري ڇڏيو

پوليس جمعدار ممتاز لغاري مٿان ڦلجي روڊ ڀرسان محلا وٽ پوليس عملي جي موجودگي ۾ سڌي فائرنگ شروع ڪري ڏني

جنهن جي نتيجي ۾ ممتاز لغاري گوليون لڳڻ سبب زخمي ٿي پيو

جوهي (رپورٽ رحيم بخش) جوهي ٿاڻي جي جمعدار ممتاز لغاري کي پنهنجي ننڍي ڀاءُ پسٽل جا فائر ڪري زخمي ڪري ڇڏيو. جمعدار ممتاز/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر22

هٿرادو مهانگائي ۽ فصل جي اگهن جي گهٽ هجڻ ۽ بنيادي مسئلن لاءِ 5 اپريل تي مظاهرو ٿيندو

جمعيت علماءِ اسلام ۽ ٻين سماجي تنظيمن پاران گڏيل طور تي هڪ حتجاج ڪرڻ جو اعلان

احتجاجي مظاهرو شام 3 وڳي شام موسي واهہ ڪان مظاهرو ڪڍي پٽي اسٽاپ وٽ ڌرڻو هنيو ويندو: خالد محمود چنا

شهر ۾ وڌندڙ بدانتظامي، عوامي مسئلن ۽ نانصافين خلاف هاڻي خاموش رهڻ ممڪن ناهي

جيڪب آباد. وڌندڙ نانصافين، زيادتين، مهانگي، فصلن جا صحيح اگهہ نہ ملڻ ۽ عوامي مسئلن لاءِ جيڪب اباد. جمعيت علماءِ اسلام ۽ ٻين سماجي تنظيمن پاران گڏيل طور تي هڪ حتجاج ڪرڻ جو اعلان ڪيو ويو آهي. جي يو آءِ جي/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر23

پيپلزپارٽي شهيد ڀٽو پاران قائد عوام شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي 47هين ورسي ملهائي وئي

ضلع آرگنائيزر بابل ڪوريجو، تعلقہ صدر رياض لاشاري سميت ميڙاڪي ۾ خصوصي طور مرڪزي اڳواڻ نديم احمد قريشي شرڪت

سليم بروهي، ٽائيگر بابا، نظير لاشاري، شفيع محمد گولو سميت سوين ڪارڪنن شامل هئا

شهيد ذوالفقار علي ڀٽو پاڪستان جو هڪ عظيم ليڊر هو هن پاڪستان کي آئين ڏنو پاڪستان کي ائٽمي طاقت بڻايو

جيڪب آباد (رپورٽر) پاڪستان پيپلزپارٽي شهيد ڀٽو پاران قائد عوام شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي 47هين ورسي ضلعي آفيس تي ملهائي وئي ۽ هڪ تعزيتي ميڙاڪو منعقد ڪيو ويو ان دوران ضلعي چيف آرگنائيزر نور محمد منجه/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر24

عوام شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي 47هين ورسي جي موقعي تي ڳڙهي خدابخش ڀٽو ۾ تقريب ڪئي وئي

احمد حسين ڪاٽيو، اسرار علي مناٽي، امجد تنيو، زوهيب علي بروهي، اصغر مغيري سميت ٻين شرڪت ڪئي

شهيد ذوالفقار علي ڀٽو کي خراج عقيدت پيش ڪيو بعد ۾ اڳواڻن ڳڙهي خدابخش ڀٽو ۾ شهيدن جي مزار تي گلن جي چادر چاڙهي فاتحہ خواني ڪري دعا پڻ گهري

شهيد ذوالفقار علي ڀٽو سڄي حياتي مظلوم جي حقن لاءِ جاکوڙ ڪنهن آمر آڏو جهڪڻ بجاءِ ڦاهي قبول ڪئي

لاڙڪاڻو(رپورٽ عبدالستار سيال) جونيئر ذوالفقار علي ڀٽو طرفان قائد عوام شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي 47 هين ورسي جي موقعي تي ڳڙهي خدابخش ڀٽو ۾ تقريب ڪوٺائي قرآن خواني ڪئي وئي جنهن ۾ جونيئر ذالفقار علي ڀٽو/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر25

شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي 47 ورسي نهايت سادگي احترام سان ضلع صدر جي اڳواڻي ۾ ملهائي وئي

نجيب چانڊيو عبدالرزاق رند مصطفي گورچاڻي وسيم ڀٽي عبدالغفور ڀٽو نديم ڀٽو پنهنجي خطاب

عظيم ليڊر پاڪستان توڙي سڄي دنيا جي مظلوم عوام لاءِ ڪيال جدوجهد کي ڀيٽا پيش ڪئي

شهيد ذوالفقار علي ڀٽو صاحب جي روح کي ثواب پهچائڻ لاءِ قرآن خواني ۽ دعا مغفرت ڪئي ۽ بعد ۾ ورڪرن کي خيرات جي ماني کارائي وئي

منياڻي(_رپورٽ ميول علي مستوئي) پاڪستان پيپلزپارٽي شهيد ڀٽو ضلع نوابشاهہ پاران پارٽي چيئرپرسن محترمہ غنوا ڀٽو صاحبہ جي حڪم تحت پاڪستان پيپلزپارٽي جي باني چيئرمين ايشيا جي عظيم ليڊر شهيد ذوالفقار علي/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر26

پاڪستان پيپلز پارٽي جي باني
چيئرمين شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي 47 ورسي تي
ڪيس سرخ سلام پيش ڪيون ٿا.
پاڪستان پيپلز پارٽي شهيد ڀٽو ضلع نوا

وفاقي حڪومت پاران پئٽرول ۽ ڊيزل جي اگهہ ۾ ڳاٽي ٽوڙ واڌ خلاف احتجاج

ڪميونسٽ پارٽي آف پاڪستان پاران ذوالفقار رستماڻي ۽ جان محمد رستماڻي جي اڳواڻي ۾ نوابشاهہ پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو

وفاقي حڪومت عوام مٿان مهانگائي جو پئٽرول بم ڪيرايو آهي جنهن جي اسان سخت لفظن ۾ مذمت ڪيون ٿا هنن وفاقي حڪومت کان پرزور مطالبو

نوابشاهہ(رپورٽر)وفاقي حڪومت پاران پئٽرول ۽ ڊيزل جي اگهہ ۾ ڳاٽي ٽوڙ واڌ خلاف سنڌ هاري ڪميٽي ۽ ڪميونسٽ پارٽي آف پاڪستان پاران ذوالفقار رستماڻي ۽ جان محمد رستماڻي جي اڳواڻي ۾ نوابشاهہ پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر27

سوشلسٽ انقلاب زنده باد
ڪميونسٽ پارٽي آف پاڪستان /سنده هاري ڪميٽي نواب شاه